MONTHLY WALJ KARACHI

ABC CERTIFIED

وڃُ ويهن وٽِ، جي سِکين ته سُکيو ٿيين (شاهه)

ماهوار

# ولج

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT

## نئين سال جو صحتمند عهد



# وزیراعظم کا پروگرام برائے خاندانی منصوبہ بندی و بنیادی صحت



صحت کے مسائل پر راہنمائی
آپ کے گاؤں میں موجود

# نیشنل ہیلتھ ورکر

کے ذریعے۔

وزیراعظم کے خاندانی منصوبہ بندی اور بنیادی صحت کے پروگرام کے تحت اب آپ کے اپنے گھر کے قریب، آپکے اپنے ہی علاقے کی رہنے والی خاتون ہیلتھ ورکر صحت کے درج ذیل مسائل حل کرنے میں آپکی مدد کریگی۔

- دورانِ حمل مفید طبّی مشورے اور بحفاظت زچگی۔
- پیدائش میں وقفے کے مناسب طریقے۔
- بچوں کی صحت مند نشوونما اور بیماریوں سے بچاؤ۔
- ماں اور بچے کی غذا اور صحت کیلئے صاف ستھرا ماحول۔
- اور ابتدائی طبّی امداد

اپنی اور اپنے بچوں کی بہتر صحت کے لئے اپنے علاقے کی ہیلتھ ورکر سے تعاون کریں۔

وزارتِ صحت۔ حکومتِ پاکستان

ايڊيٽوريل

# نئين سال جو صحتمند عهد

1995 جي شروع ٿيڻ سان 1994 پنهنجين خوبين ۽ خامين سميت موڪلائي ويو. زندگي جي ٻين شعبن سان گڏ صحت جي شعبي ۾ به 1994 ۾ هر ڪنهن فرد سان الڳ الڳ واقعا پيش آيا هوندا. اچو ته ڪجهه سوچيون! گذريل سال ڪيترين بيمارين قدرت پاران آيون ۽ ڪيترين اسان پنهنجي پاڻ تي مڙهيون- ڪيترا پار صفائي سٿرائي، صاف پاڻي ۽ صحيح خوراڪ نه ملڻ ڪري اجل جو شڪار ٿيا - ڪيترا وڏا بک، بيروزگاري ۽ جهالت (جنهن ۾ صحت جي اڻپوري ڄاڻ به شامل آهي) جي ڪري بيمارين توڙي اجل جو شڪار بڻيا- اسان مان ڪنهن ڪيتريقدار انهن جي مالي، اخلاقي توڙي صحت جي ڄاڻ ڏئي مدد ڪري ڪين بيمارين جي منهن مان ڪيڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن پاڻ پنهنجي گذريل وقت مان ڪيترو سبق پرايو. اهي سڀ سوچڻ جهڙيون ڳالهيون آهن.

اچو ته نئين سال جو عهد ڪريون ته اسان مان هر هڪ ڇٽو هلندڙ سال ۽ ايندڙ هر سال کي پنهنجي ۽ پنهنجي معاشري لاءِ بهتر صحت جو سال ڪري ملهائيندو- هونئن ته هر سال کي ڪنهن نه ڪنهن نسبت سان ملهايو ويندو آهي پر صحت هڪ اهڙو بنيادي مسئلو آهي جو اسان جيستائين پنهنجي هر سال کي صحت جو سال ڪري نه ملهائينداسين تيستائين هن معاشري مان بيمارين جي پاڙ پٽڻ ڏکي آهي.

سڀ کان اڳ ۾ اهو ڏسون ته صحت جو سال ڪيئن ملهائجي. صحت جي سال ملهائڻ لاءِ اسان کي سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي ذات جي اصلاح ڪرڻي آهي تنهن کانپوءِ پنهنجي گهر، پار ۽ اڃا پوءِ پاڙي، ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ جي. انهن سڀني مرحلن ۾ اسان کي جن ڳالهين کي اوليت ڏيڻ گهرجي سي آهن صفائي سٿرائي، ڪاڌو خوراڪ ۽ بيمارين کان بچاءَ جا طريقا اپنائڻ ۽ انهن کي ٻين تائين ڦهلائڻ- جيستائين اسان جو پورو ماحول صاف سٿرو نه هوندو تيستائين صحتمند معاشري جي شروعات ناممڪن آهي ۽ ان حساب سان سڀ کان اڳ ۾ اسان کي پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن جي جسماني صفائي تي توجه ڏيڻ گهرجي، تنهن کانپوءِ گهر جي صفائي ۽ اڳتي هلي گهٽين - محلن ۽ ڳوٺن جي صفائي ۽ ائين پوري ماحول کي صاف رکڻ اسان مان هر هڪ جي ذميواري آهي. صفائي کانپوءِ ٻيو مرحلو آهي ڪاڌي ۽ خوراڪ جو: خوراڪ جي حساب سان اسان وٽ ڪيترا ماڻهو ضرورت کان وڌيڪ کائي بيماريون وهائين ٿا ته ڪي وري بک ۾ پاهه تي جان وڃائين ٿا. کائڻ مهل اسان منجهان هر هڪ کي اهو سوچڻ گهرجي ته اسان کي ڪاڌي جي ڪيتري ضرورت آهي، اسان جسماني ڪم ڪار ڪيترو ڪريون ٿا ۽ ڪاڌو ڪيترو کائون ٿا. ڪاڌي ۾ ڪئلريز ڪيتريون آهن ۽ اسان ڪيتريون ڪئلريز استعمال ڪريون ٿا. گذريل ڪافي وقت کان خاص ڪري شهري آباديءَ ۾ اسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڪاڌي خوراڪ جي نسبت هڪ ڪري نه رهي آهي اسان جو ڪاڌو شهرن ۾ رهڻ جي باوجود اڄ به انهن ٻهراڙين ۾ ٻني ٻاري جي ڪم ڪندڙ هارين نارين وارو يعني گهه مکڻ ۽ ٻيا ڳرا کاڌا آهن جيڪي ڳوٺاڻا ماڻهو کائي ڪري سڄو ڏينهن جسماني محنت ۽ مشقت ڪندا آهن ته سندن ڪئلريز استعمال ٿي وينديون آهن. ان ڪاڌي جي بنسبت شهري ماڻهو هڪ ميل لاءِ به سواري جو استعمال ڪن ٿا ۽ سندن ڪم به سڄو ڏينهن دفتري يا ڏنڊي ڏاڙي تي ويهي گذارڻ جو آهي هاڻي جڏهن ڪير ماڻهو هر وقت وڌيڪ ڪئلريز وارا کاڌا کائي ۽ استعمال تمام



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويڄ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن جي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن ڪي بہ صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان ”ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم“ جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبہ اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويڄ جون لکيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويڄ کان مانوس نہ آهن يا وري لکي پڙهي ڪونہ ٿا ڄاڻن، تن کي ويڄ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪوبہ ڊاڪٽر / نرس / ڊسپينسر / شاگرد چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري جو فارم ڀري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبر شپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويڄ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويڄ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو / تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقائده منظم ٿيڻ کانپوءِ ميمبرن جي ساليانی گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي تہ هيٺيون فارم ڀري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويڄ : ڪمرو نمبر 53، ڀهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي. پي. او باڪس نمبر 568، ڪراچي.

---

# حلف نامي تي عزم

آءٌ ______________ پٽ / ڌيءُ / زال ______________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جو / جي ميمبر ٿيان ٿو /ٿي. آءٌ ان ڳالهہ جو اقرار ٿو / ٿي ڪريان تہ بنان ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي / ننڍائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس / پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

# ذاتي تفصيل

نالو ______________ پيءُ / مڙس جو نالو ______________

ذات ______________ ڌنڌو ______________

ٻيون مصروفيتون ______________

ائڊريس: ______________

______________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: ماهوار ويڄ جي ايندڙ پرچن ۾ فورم جي ميمبرن لاءِ مختلف هدايتون ۽ پروگرام وغيره پڙهندا.

# گيهه ۽ کنڊ

## جو گهڻو استعمال صحت لاءِ نقصانڪار آهي ـ



١ ـ گيهه ۽ کنڊ جو گهڻو استعمال صحت لاءِ نقصانڪار آهي ـ هي بيماري انسان جي ٿلهي ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿي صحتمند رهڻ لاءِ گيهه ۽ کنڊ جو استعمال گهٽ ڪريو ـ

٢ ـ گيهه ۽ کنڊ جو گهڻو استعمال ۽ ورزش نه ڪرڻ جي ڪري اڪثر ماڻهو ٿلهو ٿيو پوي ـ

ٿلهو ٿيڻ ڪري ڪيترين ئي بيمارين جنم وٺن ٿيون ـ مثلاً دل جو مرض رت جي دٻاءُ جو وڌڻ (بلڊ پريشر) سنڌن جو سور، جسم ۾ ڍلو ٿيڻ وغيره ـ ٿلهي ماڻهو جو جسم ڪمزور ٿيو پوي ۽ ڪم ڪرڻ جي قوت گهٽ ٿيو وڃي ـ

صحت کاتو حڪومت سنڌ

MASHHOOR OFFSET PRESS KARACHI

**جيڪڏهن اڳ ۾ ئي اکين ۽ ٻڪين تي ذيابيطس جا مونجهارا ظاهر ٿي چڪا آهن يا نسون متاثر ٿي ويون آهن يا بلڊپريشر گهڻو وڌي ويو آهي ته ان حالت ۾ ورزش ۽ خصوصاً سخت ورزش وڌيڪ نقصان ڪري سگهي ٿي**

جي ڦيرڦار ۽ دوا ۾ مناسب تبديليءَ لاءِ به ڄاڻ حاصل ڪجي، جيڪڏهن احتياطي تدبيرون اختيار نه ڪبيون ته ورزش سان گڏ هيٺيان مونجهارا ظاهر ٿي سگهن ٿا.

1- ورزش ڪرڻ جي ڪري رت ۾ گلوڪوز جي شديد گهٽتائي.

2- جيڪڏهن اڳ ۾ ئي اکين ۽ ٻڪين تي ذيابيطس جا مونجهارا ظاهر ٿي چڪا آهن يا نسون متاثر ٿي ويون آهن يا بلڊپريشر گهڻو وڌي ويو آهي ته ان حالت ۾ ورزش ۽ خصوصاً سخت ورزش وڌيڪ نقصان ڪري سگهي ٿي.

ان لاءِ ضروري آهي ته ذيابيطس جي هر ان مريض کي خاص ڪري جنهن کي ان مرض ۾ مبتلا ٿئي ڏهن سالن يا ان کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي، ورزش شروع ڪرڻ کان اڳ پنهنجو مڪمل طبي معائنو ڪرائڻ گهرجي.

عام طور تي ذيابيطس جا مريض رت ۾ گهٽتائي جون علامتون سڃاڻي ويندا آهن، ورزش جي دوران اهي علامتون محسوس ٿين ته هڪدم ورزش ڪرڻ بند ڪجي، ٻه چمچا کنڊ جا يا مٺا بسڪٽ يا شربت وغيره فوراً وٺڻ گهرجي. جنهن سان طبيعت بحال ٿي ويندي. ياد رکڻ گهرجي ته ورزش ڪرڻ مهل اوهان وٽ کنڊ يا بسڪٽ وغيره ضرور موجود هجن، جيئن انهن کي رت ۾ گلوڪوز گهٽ ٿيڻ جي صورت ۾ بروقت استعمال ڪري سگهجي.

عام طور تي اهڙين شين کائڻ ڪانپوءِ طبيعت، ان حد تائين بحال ٿي ويندي آهي جو ايندڙ 10 يا 15 منٽن بعد هلڪي ورزش ٻيهر شروع ڪري سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن ڪمزوري گهڻي غالب اچي وڃي يا غشي طاري ٿيڻ لڳي ته ورزش کي ٻيهر ڪڏهن به شروع نه ڪجي ۽ ڊاڪٽر سان مشورو ڪجي.

ذيابيطس جي اهڙن مريض کي جن جو گلوڪوز ڪنٽرول ۾ ناهي، رت ۾ گلوڪوز تمام گهڻو وڌي سگهي ٿو ۽ هو تيزابي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي بيهوش ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ بهتر آهي ته ورزش شروع ڪرڻ کان اڳ پنهنجي ڪنٽرول جي باري ۾ تسلي ڪئي وڃي.

ورزش جي وچ ۾ يا ان کان اول جڏهن به اڃ محسوس ٿئي، پاڻيءَ جو استعمال مناسب مقدار ۾ ڪندو رهجي، جيئن بدن ۾ پاڻيءَ جي ڪمي پيدا نه ٿئي. جيڪڏهن اوهان جي رت ۾ گلوڪوز وڌيل آهي ته جسم جو پاڻي تيزيءَ سان ضائع ٿيندو ۽ ان طرح سان پاڻيءَ ۽ نمڪيات جي گهٽتائي ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن اوهان جي ذيابيطس جو ڪنٽرول سٺو آهي ته ان خطري جو امڪان گهڻو گهٽ ٿي ويندو آهي.

جڏهن نسن جي محسوس ڪرڻ جي حِس متاثر ٿي وڃي ته مريض کي ورزش ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي. ان صورت ۾ عموماً هٿن ۽ پيرن ۾ سخت تڪليف رهندي آهي ڪن مريض ۾ وري محسوس ڪرڻ جي صلاحيت تمام

**ورزش ڪرڻ مهل اوهان وٽ کنڊ يا بسڪٽ وغيره ضرور موجود هجن، جيئن انهن کي رت ۾ گلوڪوز گهٽ ٿيڻ جي صورت ۾ بروقت استعمال ڪري سگهجي**

گهٽجي وڃي ٿي ان ڪري ڪين ڏک لڳڻ جو احساس ۽ سور بلڪل نه ٿيندو آهي جيڪا هڪ افسوسناڪ صورتحال آهي. معمولي زخم به وڌيو وڃي ۽ هٿن ۽ پيرن ۾ پيچيدگيون پيدا ٿي وڃن ٿيون.

اهڙن مريضن کي جُتينَ جي صحيح چونڊ ڪرڻ گهرجي. بوٽ آرامده هجڻ گهرجن ۽ ڪين روزانه پنهنجي پيرن جو معائنو ڪرڻ گهرجي، جيئن ڏک ۽ زخم جو بروقت علاج ڪري سگهجي. اهڙي قسم جي زخم تي پوري طرح توجه ڏجي چاهي اهو ڪيترو به معمولي ڇو نه هجي.

ذيابيطس جي جوان مريضن ۾ بلڊپريشر عام ماڻهن کان وڌيڪ هوندو آهي. کليل هوا ۾ هلڪي ورزش ڪرڻ بلڊپريشر جي لاءِ انتهائي مفيد آهي، پر سخت محنت

**کليل هوا ۾ هلڪي ورزش ڪرڻ بلڊپريشر جي لاءِ انتهائي مفيد آهي، پر سخت محنت طلب ورزش ڪرڻ سان مثلاً ڳوري وزن کڻڻ سان بلڊپريشر هڪدم وڌي وڃي ٿو**

# ذيابيطس جي مريض ماءُ پيدائش ڪانپوءِ پنهنجي ٻار کي پنهنجو کير پياري سگهي ٿي.

جيڪڏهن غذا سان گلوڪوز ضابطي ۾ نه اچي سگهي ته پرهيزي غذا سان گڏوگڏ انسولين جو استعمال ضروري آهي. حمل جي دوران گلوڪوز گهٽ ڪرڻ جون گوريون هرگز استعمال نه ڪرڻ گهرجن.

حمل جي دوران رت ۾ گلوڪوز جو مقدار هيٺيون هئڻ گهرجي.

* صبح سان خالي پيٽ 90mg/100ml.
* ٽيرن کان ٻه ڪلاڪ پوءِ 126mg/100ml

رت ۾ گلوڪوز جي مقدار تي 24 ڪلاڪ مسلسل ڪنٽرول رکڻ انتهائي ضروري آهي. سڀ کان بهتر طريقو اهو آهي ته مريضه پنهنجي رت ۾ گلوڪوز جي جاچ ڏينهن ۾ مختلف وقتن تي پاڻ ڪري. جيڪڏهن اهو ممڪن ناهي ته ليبارٽري ۾ ڏينهن ۾ مختلف وقتن تي رت ۾ گلوڪوز چيڪ ڪرائي.

حمل جي دوران غذائي ضرورتون ۽ وزن ٻئي وڌندا آهن. اهو خيال رکڻ گهرجي ته غذا ۾ مختلف عناصر جو تناسب برقرار رهي. يعني 50 في سيڪڙو نشاستو، 30 في سيڪڙو پروٽين ۽ 20 في سيڪڙو سٿيا. ان کان سواءِ اهو خيال پڻ ڪرڻ گهرجي ته حمل جي دوران ڪاڏي جي گهٽي پرهيز (Dieting) ضروري ناهي.

**3. ٻار جي پيدائش جو وقت:**

جيڪڏهن حمل جي پوري عرصي ۾ ذيابيطس چڱي طرح سان ڪنٽرول ۾ هجي ۽ ماءُ ۽ ٻار جي صحت به ٺيڪ هجي ته اڪثر نارمل طريقي سان پيدائش جي اجازت ڏني ويندي آهي.

ان جي برعڪس جيڪڏهن رت ۾ گلوڪوز جو ڪنٽرول صحيح نه هجي يا ماءُ يا ٻار کي نارمل طريقي سان پيدائش ۾ مسئلا هجن ته آپريشن يعني (Caesarian section) جي ذريعي ٻار جي پيدائش جو فيصلو ڪيو ويندو آهي. آپريشن جي مناسب وقت جو فيصلو ڊاڪٽر انفرادي طور تي ڪندو آهي.

حامله ذيابيطس جي مريض عورتن کي پيدائش ڪانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه مسئلا پيش اچي سگهن ٿا، ان لاءِ کين پيدائش ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ خصوصي نگراني ۾ رکيو ويندو آهي.

**پيدائش ڪانپوءِ:**

پيدائش ڪانپوءِ ماءُ جي رت ۾ گلوڪوز هڪدم گهٽجو گهٽجي ويندو آهي ۽ نتيجي طور انسولين جي مقدار ۾ به گهٽتائي ايندي آهي. خاص طور تي (Gestational Diabetes) جي مريض عورتن ۾ ته انسولين جي ضرورت ٿي ڪونه رهندي آهي:-

ذيابيطس جي مريضه ماءُ پيدائش ڪانپوءِ پنهنجي ٻار کي پنهنجو کير پياري سگهي ٿي.

آخر ۾ ذيابيطس جي مريض عورتن جي لاءِ حمل جي سلسلي ۾ ڪجهه ضروري نڪتا هي آهن.

* ٻن يا ٽن کان وڌيڪ ٻار نه هجن ته بهتر آهي.
* جيڪڏهن ٻڪين ۾ ذيابيطس جي سبب ڪان مونجهارا ظاهر ٿي پيا هجن ته بهتر آهي ته حامله نه ٿجي.
* خانداني منصوبه بندي ۽ جون گوريون ذيابيطس ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿيون، پر منصوبه بندي جا ٻيا طريقا استعمال ڪجن ته بهتر آهي.
* بي قابو ذيابيطس ۾ حامله ٿيڻ جا امڪان گهٽ هوندا آهن، ان لاءِ جيڪي عورتون حامله ٿيڻ چاهين ٿيون، سي رت ۾ گلوڪوز کي ڪنٽرول ۾ آڻن.

(Gestational Diabetes) جون 50 في سيڪڙو خواتين 10 سالن ۾ ذيابيطس جون دائمي مريض بڻجي وينديون آهن، ان لاءِ کين پنهنجو وزن نارمل رکڻ گهرجي، نه ته وڌيڪ وزن جي ڪري انهن ۾ دائمي ذيابيطس جا خطرا وڌي ويندا آهن.

**ذيابيطس جو ڪنٽرول:**

ذيابيطس جي نوعيت هڪ عام مرض کان جدا آهي هي هڪ مستقل ۽ دائمي عارضو آهي جيڪو مسلسل علاج سان ئي قابو ۾ رهندو آهي. ان واسطي ذيابيطس جي علاج کي "ڪنٽرول" سڏيندا آهن. جيڪڏهن علاج اڌورو يا عارضي هوندو ته مرض بي قابو ٿي ويندو ۽ نه صرف مرضن جون علامتون وري ظاهر ٿي پونديون آهن پر ان جون پيچيدگيون ۽ مونجهارا پڻ ظاهر ٿي پوندا آهن. ان لاءِ ذيابيطس جي علاج جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار ان ڳالهه تي آهي ته علاج مسلسل جاري رهي ۽ ان علاج جي اثرائتي هجڻ جي مسلسل جاچ ٿيندي رهي. حقيقت ۾ ڪنٽرول تي مسلسل نگاهه ذيابيطس جي علاج جو

# ذهني مرض جو علاج صحت عامر جو هڪ حصو آهي

ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ
ماهر دماغي ۽ ذهني امراض
پريڪٽي هائوس نزد چاندي سينيما حيدرآباد

صحت هڪ عظيم دولت آهي، جيڪا خدا جي طرفان هڪ تحفو آهي- هر هڪ انسان صحتمند رهڻ چاهيندو آهي، پر ڪنهن به انسان ۾ بيماريءَ جو نه هئڻ ئي صحت جي نشاني ڪونهي- هڪ صحتمند انسان جي جسماني حالت ريس ڏياريندڙ ٿيندي آهي، هو مطمئن ۽ خوش باش رهندو آهي. منجهس نقصانن، مشڪلاتن ۽ ڪنهن به مسئلي سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت ٿيندي آهي. هو ٻين سان گڏجي سڏجي رهندو آهي ۽ سندس ڪوشش هوندي آ ته هن جي ڪري ڪنهن کي ڪوئي ڏک نه پهچي، هن ۾ اخلاقي ۽ روحاني قدر ٿيندا آهن.

اهڙو انسان جيڪو جسماني، ذهني، معاشرتي ۽ روحاني طور تي نيڪ هجي، صحتمند ڪوٺبو آهي.

ماڻهو مختلف سببن جي ڪري بيمار ٿيندا آهن، مثلاً گهٽ بک لڳڻ يا پوري خوراڪ مهيا نه ٿيڻ، مختلف بيماريون جيڪي جراثيمن سان پکڙجنديون هجن، ماحول ۾ تبديلي، جسماني چوٽ، رت جي دٻاءَ ۾ گهاٽي واڌي ٿيڻ، جسم جا مختلف عضوا جيڪڏهن صحيح طرح سان ڪم نه ڪن ته انسان بيمار ٿي پوندو آهي ۽ اسان فوراً ڊاڪٽر ڏانهن واجهائيندا آهيون- دماغ، انساني جسم جو سڀ کان وڏيڪ ضروري حصو آهي. جيڪو پوري جسم کي ڪنٽرول ڪندو آهي- جنهن نموني جسم جا مختلف حصا بيمار ٿي سگهن ٿا، بلڪل انهيءَ نموني دماغ به بيمار ٿي سگهي ٿو- جيڪڏهن ڪوئي شخص ذهني ۽ دماغي طرح سان بيمار ٿي وڃي ته ان ۾ "چڱي رهڻ" جي حس ختم ٿي ويندي آهي ذهن جي مختلف ڪمن ڪارن مثلاً سوچ، جذبات، يادگيري، فيصلي جي سگهه وغيره ۾ رنڊڪ پئجي ويندي آهي. مريض جي ڳالهه ٻولهه ۽ رويو عام ماڻهن لاءِ ناگوار ٿي پوندو آهي

تسلي بخش نموني ڪم ڪرڻ جي صلاحيت متاثر ٿيندي آهي جو جيڪڏهن ڪوئي شخص جسماني طرح سان بيمار ٿي وڃي ته سڀ کي احساس ٿيندو آهي ته هُن کي ڪيترن مشڪلن سان منهن ڏيڻو پوي مثلاً ڪنهن کي بخار ٿي پوي يا اوچتو انڌو ٿي پوي ته، يا ڪو به تيز گهاءُ لڳي پويس ته سڀئي هن سان همدردي ڪندا آهن، پر جيڪڏهن ڪوئي شخص ذهني طور بيمار ٿي پئي ته اسان مان اڪثر هن جي بيماري کي ناهن سمجهندا- اسان ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون، ساڻس ڪوئي همدردي ناهي ڪندو، ڪوئي ڪيس دوا دارون لاءِ اسپتال وٺي ناهي ويندو، ويتر ستم هي جو ذهني مرضن لاءِ دوا دارون جي سهولت صرف چند وڏن شهرن ۾ ميسر آهي.

عالمي صحت جو ادارو سن ٻه هزار عيسوي(2000ع) تائين گهر گهر صحت جون بنيادي سهولتون ميسر ڪرڻ گهري ٿو، اسان جي ملڪ به ان چئلينج کي قبول ڪري ورتو آهي ۽ ان تي فوري طور عمل به شروع ڪري ڏنو آهي.

ذهني مرضن جي روڪ ٽوڪ انهن ائن بنيادي اصولن منجهان هڪ آهي، جيڪي صحت جي عالمي اداري جي پيش نظر آهن. انهيءَ لاءِ بنيادي صحت واري مرڪزن جي ڊاڪٽرن، صحت جي گهڻ-مقصدي عملي ۽ ٻين ماڻهن جي ذميواري اها آهي ته هو عام صحت جي اصولن سان گڏوگڏ عوام کي ذهني مرضن جي سارسنڀال جي باري ۾ ٻڌائين. وزارت صحت پاڪستان، ذهني مرضن جي سارسنڀال کي مروجه صحت عام جي نظام ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن ضرورتمند ذهني مريضن کي مناسب بنيادي علاج معالجي جون سهولتون مهيا ڪري ڏجن.

**ياد رکو:**

- سٺي صحت لاءِ جسماني، ذهني، معاشرتي ۽ روحاني طور تي صحتمند ٿيڻ

جو هڪڙو تہ چمي پوندو آهي جنهن ڪري چمڙيءَ جا مسام (پور) بند ٿي ويندا آهن ۽ چمڙي جي مٿين سطح تي ڪارا سوراخ ۽ گهرا ٽبڪا ظاهر ٿي پوندا آهن جنهن کي ڇائيون چوندا آهن.

عام خيال اهو آهي تہ ڇائيون ۽ موهيڙن جو ڪارسرو يا گهرو رنگ گندگي يا ڌوڙ ۽ دزي جمي وڃڻ ڪري ٿيندو آهي. پر اصل ۾ ان جو حقيقي سبب چمڙيءَ جو جيو گهرڙن (Cells) جو پاڻ ۾ ڪيميائي عمل ٿئي ٿو.

جيڪڏهن سٽي ۽ مئل جيو گهرڙن (Dead Cells) جو تہ چمڙيءَ جي مٿين سطح تي اچڻ بدران هيٺين يا اندرين سطح تائين محدود ٿي رهجي وڃي تہ اهڙي صورت ۾ چمڙي جي مٿين سطح تي هلڪي رنگ جا ننڍڙا ننڍڙا داڻا ٿي پوندا آهن.

**موهيڙن ۾ ڪاڌ ۽ ساڙو ٿيڻ جو سبب**

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ هي ڪارسر داڻا ڪافي وقت تائين ساڳئي نموني موجود رهندا آهن ۽ ڪنهن بہ وڏيڪ تڪليف جو ڪارڻ ٿيڻ بدران سسي ختم ٿي ويندا آهن. پر اڪثر ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ موهيڙا اوچتو ڦٽي پوندا آهن ۽ داب جي ڪري انهن جا منهن ڦاٽي پوندا آهن. اهڙي حالت ۾ تمام گهڻو ساڙو، ڪاڌ، پَتَ محسوس ٿيندي آهي.

**پنهنجي شبيهہ ۽ زيب ڪيئن وڻندڙ ڪجي؟**

**هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا موهيڙا ختم ٿي سگهن ٿا؟ تہ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ - ها، ها-** بلڪل ختم ٿي سگهن ٿا. عام طرح موهيڙا ۽ ڇائيون ازخود ختم ٿي ويندا آهن. نياڻين (ڇوڪرين) ۾ چوڏهن سالن کان سترهن سالن جي ڦوهہ وهيءَ ۾ ۽ ڇوڪرن ۾ بہ بالغ ٿيڻ وقت يعني 16 کان 18 سالن جي وهيءَ ۾ موهيڙا پنهنجي اوج تي هوندا آهن. انهيءَ وقت اندر ڪڏهن انهيءَ جي ڦوٽهڙي ۾ تيزيءَ سان واڌارو ايندو آهي تہ ڪڏهن اهي گهٽجي ويندا آهن تان جو آهستي آهستي سندن زور گهٽجي گهٽجي ويهن ورهين جي عمر ۾ ڪين نيسائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن موهيڙن ۾ ڦوٽهڙي وقت تمام گهڻو زور رهي ۽ داڻن مان وڏي ڳنڍين جهڙيون ڦرڙيون يا ڳوڙهيون ٿي پوون تہ اهڙي حالت ۾ منهن تي ڪڏون ٿا چگهہ ٿي پوندا آهن تنهنڪري اهڙي پيچيدگيءَ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي تہ ستت ئي ڊاڪٽر سان صلاح ڪري علاج ڪيو وڃي ۽ پنهنجي ڊاڪٽر جي هدايتن کي پوري ريت عمل ۾ آڻيندي سائس پورو سهڪار (تعاون) ڪيو وڃي.

**ڳڻتيون ۽ مونجهارا**

**موهيڙن جو بنيادي سبب**

جذباتي دٻاءُ / ڇڪ گهڻو ڪري موهيڙن جي ڦوٽهڙي ۾ شدت پيدا ڪندا آهن ڪيترائي سبب آهن جو نوجوانن ۾ ڪنهن غير معمولي واقعي جي موٽ (رد عمل) ۾ موهيڙن جو زور وڌي ويندو آهي. مثال طور امتحانن جي ڏينهن ۾ نوجوانن ۾ موهيڙن جو ڦوٽهڙو وڌيڪ ڏٺو ويو آهي. موهيڙن جي ڦوٽهڙي ۾ واڌ اچڻ ڪري گهڻن نوجوانن کي پريشاني ورائي ويندي آهي جنهن ڪري مٿين نفسياتي طرح ڏاڍا گهرا اثر پوندا آهن ۽ اهي اثر سندن ڳڻتي ۾ واڌاري جو سبب هوندا آهن. ڇوڪرين ۾ گهٽي ڀاڳي ماهواريءَ وارن ڏينهن کان اڳ ۾ موهيڙن جو ڦوٽهڙو تيز ٿي ويندو آهي. جنهن جو اصل سبب جيئن اسين اڳ بہ بيان ڪري چڪا آهيون تہ مختلف هارمونن جو پاڻ ۾ ڪيميائي طرح عمل ۽ عمل جي جواب ۾ رد عمل آهي.

**ڇا سٽيا ڪاڌا بہ موهيڙا وڌائين ٿا:**

اهو ضروري ڪونهي! ڪنهن وقت ۾ ماڻهن جو اهو خيال ضرور هو تہ

**نياڻين (ڇوڪرين) ۾ چوڏهن سالن کان سترهن سالن جي ڦوهہ وهيءَ ۾ ۽ ڇوڪرن ۾ بہ بالغ ٿيڻ وقت يعني 16 کان 18 سالن جي وهيءَ ۾ موهيڙا پنهنجي اوج تي هوندا آهن.**

**امتحانن جي ڏينهن ۾ نوجوانن ۾ موهيڙن جو ڦوٽهڙو وڌيڪ ڏٺو ويو آهي**

ڇوڪرين ۾ گهٽي ڀاڳي ماهواريءَ وارن ڏينهن کان اڳ ۾ موهيڙن جو ڦوٽهڙو تيز ٿي ويندو آهي

پروجيسٽن استعمال ڪري ويتر سنهيون يا ڪمزور ٿيو پون ٿيون اهي ٻوڪيل آني جو وزن نہ ڪٿي سگهنديون ۽ ٻوڪيل آنو ٻاهر خارج ٿي ويندو. اوهان ڏٺو تہ ٻار ٿيڻ جي پهرين مرحلي ۾ بيضو، مرداڻو جرثومو ۽ ٻچہ دانيءَ جي سسٽم ۾ جيڪي بنياد آهن، سي ٽئي يا تہ ڪمزور آهن يا انهن ڪي ملڻ ۾ رُڪاوٽون آهن يا وري ڳِپيرڻ ڪي ٻار جو وزن جهلڻ جي قوت نہ آهي تہ پوءِ ٻار پيدا ٿيڻ جا سمورا امڪان ختم ٿيو وڃن تنهنڪري نار پلانٽ جو طريقو سئو سيڪڙو ڪامياب آهي ۽ آسان بہ آهي جو 5 سالن ۾ هڪ دفعو ٽيوب رڪرائجن ٿا ۽ هن جو ڪوبہ نقصان ڪونهي تنهن ڪري هن بهتر طريقي مان لاڀ حاصل



هڪ ٽرينڊ ٽيل ڊاڪٽرياڻي، عورت جي ٻانهن جي مٿين حصي ۾ 6 ننڍا نار پلانٽ ڪيپسول رکي رهي آهي جڏهن تہ سور جي احساس کي روڪڻ لاءِ ٻانهن کي ڇيهڪ ڏيڻ کان اڳ ۾ سن ڪيو ٿو وڃي. هن سموري ڪار، وائي دوران نار پلانٽ لڳرائيندڙ عورت هوش ۾ رهي ٿي.

سلسلو جاري ٿئي ٿو- هاڻي جيڪڏهن عورت جي بيضي دانين مان ڪو بيضوئي تيار نہ ٿيندو تہ پوءِ انجو پوکجڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو سلسلو ئي نہ رهندو.

ازانسواءِ پروجيسٽن هڪ ٻيو تحفظ فراهم ڪريٿي جو ٻچي داني جي منهن جي ديوارن کي ايترو تہ سخت ڪريو ڇڏي جو اتان مڙداني جيو کي لنگهڻ ئي ناممڪن ٿيو وڃي يعني هڪ طرف تہ بيضي جي نهڻ کي روڪيو وڃي ٿو تہ ٻئي طرف ڄم جي اهم ڪردار مرداڻي جيو جو رستو روڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري ٻار پيدا ٿيڻ جا جملي امڪان ختم ٿيو وڃن نہ صرف ايترو پر وڌيڪ احتياط طور جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن نموني بيضو خارج ٿئي ٿو ۽ مرداڻو جيو بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح عورت جي ٻچہ داني کان ٿيندو بيضي جي نالي ۾ پهچي آني کي ٻوڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ اتان ٻوڪيل آنو رحم يا ٻچہ دانيءَ ۾ واپس اچي پنهنجي مقرر جڳهہ يعني رحم جي ڪنهن پاسي وچايل سنهين تارن جهڙين نلين سان جڙيل پاسي ۾ اچي چهٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهي ناليون جيڪي ڪرڻ گهرجي.

## نار پلانٽ جي ناڪاميءَ جو "تناسب"

ڄم روڪ جي هن طريقي جي ناڪاميءَ جو تناسب بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي يعني 99.8 سيڪڙو هيءُ طريقو ڪامياب ثابت ٿيو آهي. مثال طور هن طريقي جي عام استعمال ۽ مثالي استعمال يعني اهڙي طرح استعمال جيڪو ڏنل هدايتن جي عين مطابق هجي اهڙن ٻنهي استعمالن ۾ ٿورو فرق محسوس ٿيو

**هيءُ واحد طريقو آهي جو ماهواري دوران رکي سگهجي ٿو ۽ ٻار ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ بہ رکي سگهجي ٿو**

آهي اهو بہ بلڪل نہ هئڻ جي برابر. مثلاً 100 عورتن جي استعمال مان صرف 0.2 سيڪڙو ناڪامي ڏٺي ويئي آهي تنهن ڪري هي طريقو سئو سيڪڙو ڪامياب ليکيو ويو آهي ۽ طريقو پنجن سالن تائين انتهائي ڪامياب آهي ڪيترن سالن جي استعمال بعد انهن عورتن لاءِ ڪجهہ گهٽ ڪامياب آهي جن عورتن جو وزن 70 ڪلوگرام يا 154 پائونڊن کان وڌيڪ آهي..

**نار پلانٽ جي استعمال مان فائدا:**

هيءَ جم روڪ طريقو بيحد مقبول ۽ ڪامياب آهي هن جا هيٺيان مکيہ فائدا آهن.

1- بيحد موثر ۽ ڪامياب آهي ائين چئجي تہ سئو سيڪڙو ڪامياب طريقو آهي.

2- تمام وڏي عرصي لاءِ مفيد آهي يعني گهٽ ۾ گهٽ 5 سالن تائين يا اڃا بہ وڌيڪ.

3- تمام آسان آهي استعمال ڪرڻ ۽ ڪيرائڻ ۾.

4- هن جو عورت مڙد جي ميلاپ سان يا انهن نازڪ عضون سان ڪوبہ تعلق نہ آهي يعني انهن جي هٿ چراند ڪرڻ کانسواءِ جم روڪ طريقو اختيار ڪري سگهجي ٿو جو ڪيترا ماڻهو اهو سڀ ڪجهہ ڪونہ ڪندا آهن.

5- جيڪڏهن ڪا تڪليف محسوس ڪجي تہ نار پلانٽ آساني سان ڪيرائي سگهجي ٿو.

6- جڏهن چاهجي تہ نار پلانٽ ڪيرائي وري ٻار پيدا ڪري سگهجي ٿو 5 سالن تائين انتظار جي ڪابہ ضرورت ڪونهي.

7- هي جم روڪ طريقو بلڪل ڪامياب ان ڪري بہ آهي جو ٻيا طريقا استعمال ۾ نسبتاً ڏکيا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن دوائن جو ملڻ بہ مشڪل ٿيو پوي. سو نار پلانٽ جو هڪ دفعو لڳارائڻ پنجن سالن تائين عورت کي بي اونو ڪري سگهي ٿو.

> **جم روڪ جي هن طريقي جي ناڪامي ۽ جو تناسب بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي يعني 99.8 سيڪڙو هيءَ طريقو ڪامياب ثابت ٿيو آهي**

8-عورت ساڳئي طرح ٻي ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحت برقرار رکي ٿي جهڙي اَن جي نار پلانٽ کان اڳ موجود هئي. ويتر ٻار لاءِ پيدا ٿيندڙ ڪير ۾ بہ ڪو فرق نٿو اچي جيڪو ننڍي ٻار لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو.

9- عورت جي جسماني ڪمزوري يعني اينيميا کي بہ گهٽائي ٿو ويتر انهن عورتن لاءِ وڌيڪ مفيد آهن جن کي ايستروجن معدي مان ڪنهن نقصان جو انديشو آهي ازانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن پر مٿيان اهم فائدا ڏيئي اهو ثابت ڪرڻ مقصد آهي تہ هي جم روڪ طريقو بلڪل بي ضرر آسان ۽ سئو پڻ آهي.

**نار پلانٽ جم روڪ طريقي سان نقصان:**

هن جم روڪ طريقي مان فائدن سان گڏ ڪجهہ نقصان يا انهن جو انديشو بہ آهي جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.

1- ڀهرين چڱي خاصي قيمت خرچ ڪرڻي پوي ٿي.

2- بلڪل ماهر ڊاڪٽر رکي سگهي ٿو جنهن وٽ اهڙا خاص ڄاڻ هجي ۽ غير تربيت يافتہ اهو ڪم نہ ڪري سگهندو.

3- نار پلانٽ رکڻ ۽ ڪيرائڻ کانپوءِ اَن جو ڊاڪٽري معائنو ۽ دوائن جو استعمال تمام ضروري آهي.

4- استعمال ۾ آڻيندڙ عورت جو نار پلانٽ کي پنهنجي سر ڪيڏڻ خطرناڪ آهي پر اڻ تربيت يافتہ ماڻهو بہ اهڙي ڪا غلطي نہ ڪري جو ڪيترا ماڻهو پاڻ کي سگهڙ سمجهي نار پلانٽ ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪندا آهن اهو بہ خطرناڪ آهي جو نار پلانٽ ڪيڏڻ نار پلانٽ لڳارائڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي.

5- نار پلانٽ لڳارائڻ سان مسلسل رت جو اچڻ يا ڊگهي عرصي تائين رت اچڻ جو امڪان آهي ۽ ماهواري کي روڪي يا گهٽائي بہ سگهي ٿو.

6- مٿي جو سور ، سُستي ۽ وزن بہ وڌي سگهي ٿو انهي هوندي ڊاڪٽري معائني بعد ڪيتريون عورتون نار پلانٽ رکارائي هن جم روڪ طريقي مان فيضاب ٿي رهيون آهن.

> **جڏهن چاهجي تہ نار پلانٽ ڪيرائي وري ٻار پيدا ڪري سگهجي ٿو 5 سالن تائين انتظار جي ڪابہ ضرورت ڪونهي**

## نار پلانٽ جي روڪ طريقي جا سلامتي جا نڪتا تنبيهي اشارا:

هڪ وڏو اشارو عورتن لاءِ اهو آهي تہ هن کي يونيءَ يا رستي مادريءَ مان بنا سبب رت اچڻ شروع ٿيندو. اهڙي صورت ۾ عورت کي ڊاڪٽر سان صلاح ڪرڻ گهرجي ۽ هيٺين علامتن ۾ پڻ ڊاڪٽر سان صلاح ڪرڻ گهرجي.

> **نار پلانٽ ڪڍڻ نار پلانٽ لڳارائڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي**
>
> مٽي جو سُور، گهڻو رت اچڻ ۽ نرن ۾ يا نهائي وٽ تمام گهڻو سور ٿئي يا تمام گهڻي ٽوٽ يا سُستي ٿئي تہ يڪدم ڊاڪٽر سان مشورو ڪجي جو اهي سيئي اشارا نار پلانٽ جي برداشت نہ ٿيڻ ڪري ٿين ٿا اهڙي صورت ۾ ڪو ٻيو مناسب طريقو استعمال ڪجي

1- جتي نار پلانٽ لڳارايل هجي اُتي ڪا رطوبت يا ڦٽ (Infection) پئدا ٿيو هجي.

2- مٽي جو سُور، گهڻو رت اچڻ ۽ نرن ۾ يا نهائي وٽ تمام گهڻو سور ٿئي يا تمام گهڻي ٽوٽ يا سُستي ٿئي تہ يڪدم ڊاڪٽر سان مشورو ڪجي جو اهي سيئي اشارا نار پلانٽ جي برداشت نہ ٿيڻ ڪري ٿين ٿا اهڙي صورت ۾ ڪو ٻيو مناسب طريقو استعمال ڪجي.

## نار پلانٽ جي استعمال ۾ غير ضروري رڪاوٽون:

هن ڄم روڪ طريقي ۾ پڻ ڪجھ رڪاوٽون آهن نہ تہ جيڪر هي طريقو وڌيڪ عورتون استعمال ڪن مثلاً: قانوني طريقو، ڪن ملڪن ۾ اهڙا قانون آهن جتي هن ڄم روڪ طريقي تي عمل ڪرڻ پيچيده ٿيو پوي، مثلاً ڪن ملڪن ۾ هن طريقي تي عمل تيستائين نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين مرد جي مرضي حاصل ڪجي. عورت جو ڪنهن مخصوص عمر تائين پهچڻ ضروري آهي، اهڙي عمر جو مقرر ڪرڻ اتان جي ملڪي قانون تي منحصر آهي ۽ عورت جو شادي شده هئڻ سان گڏوگڏ ڪيس ڪجھ ٻارن جو هئڻ يعني ڏيٽرون يا پٽ يا ٻئي هئڻ گهرجن. يا اهڙين عورتن کي نار پلانٽ رکجي جن ڪجھ عرصي تائين هارمونل طريقو يعني اورل پل يا آءِ يو ڊي رکرائي هجي وغيره.

ان ڪانسواءِ پهرئين دفعي چڱو خاصو خرچ ۽ ان بعد ڊاڪٽري معائني يا دوائن جي استعمال تي بہ ڪافي خرچ اچي ٿو جيڪو هر عورت برداشت نہ ٿي ڪري سگهي. مختلف طبقاتي رويا يا ٻيا بہ ڪيترائي رڪاوٽي انداز آهن پر انهن مڙني پريشانين بعد ڏسجي ٿو تہ جيڪو بہ ٿئي ٿو سو 5 سالن ۾ هڪ دفعو ڏسڻو پوي ٿو تہ پوءِ ڪافي عرصي لاءِ عورت گهڻي جهنجهٽ کان آجي رهي ٿي ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪري ٿي. اهي سيئي رڪاوٽون عورت جي ٻار ڄڻڻ واري تڪليف ۽ ان بعد ٻار کي پالڻ واري خساري جي مقابلي ۾ بلڪل گهٽ آهي ۽ ننڍو گهراڻو رکي جوڙو خوشحالي ماڻي سگهي ٿو.

## نار پلانٽ جي استعمال لاءِ تجويزون:

1- جيئن تہ هي ڄم روڪ طريقو هڪ جداگانہ ۽ منفرد حيثيت رکي ٿو تنهنڪري هن جي استعمال لاءِ تجويزون نهايت غور سان. پڙهڻ گهرجن ۽ انهن تي صرف باقائده عمل ڪرڻ گهرجي. پهرين تہ نار پلانٽ ٻانهن اندر رکڻ کان اڳ اهو معلوم ڪرڻ نهايت ضروري آهي تہ عورت کي ڪو ٻار تہ نہ ٿيو آهي يعني هن جي پيٽ ۾ ٻار اڃا نہ سنجريو آهي تنهن ڪري پهرين تائير ماهواري اچڻ دوران يا وري ماهواري بند ٿيڻ کانپوءِ پهرين هفتي اندر اهي ٽيوب رکرائجن چاڪاڻ تہ ان عرصي ۾ ٻار جو نہ ٿيڻ يقيني سمجهيو وڃي ٿو.

2- ٻار ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ پهرين فرصت ۾ نار پلانٽ رکائڻ تجويز ڪجي ٿو.

3- نار پلانٽ رکڻ وارو شخص يا ڊاڪٽر تربيت يافتہ ۽ قابل شخص هجي ۽ اهڙو طريقو اختيار ڪري جو زخم واري جاءِ تي ڪو گند يا ڦٽ نہ لهي. اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن عورت نار پلانٽ کي ڪڍرائڻ چاهي تہ ڊاڪٽر کي انڪار نہ ڪرڻ گهرجي.

عورت کي نار پلانٽ رکارائڻ وقت اهو چٽي طرح ٻڌائڻ گهرجي تہ اهي ٽيوب 5 سالن بعد ڪڍرائڻ گهرجن ۽ وڌيڪ عرصي لاءِ جيڪڏهن ضرورت محسوس ڪن تہ وري نئون نار پلانٽ رکارائجي. جنهن لاءِ وري ساڳيو رستو يا طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي.

نار پلانٽ رکارائيندڙ عورت کي هر سال معائنو ڪرائڻ گهرجي ۽ پاپوليشن ڪلينڪ تي وڃي احوال ڏيڻ گهرجي تہ نار پلانٽ چڱي طرح ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف جي صورت ۾ احوال ڏجي.

وڃي ٿي. ان جا اثر مختلف ماڻهن تي مختلف هوندا آهن. گهڻو ڪري نڪوٽين ڀهريائين ته دماغ کي متحرڪ رکي ٿي ۽ ماڻهو پاڻ کي ڦڙت ۽ تڪڙو ڪم ڪرڻ وارو محسوس ڪري ٿو پر بعد ۾ دماغ جي سوچ واري انداز کي ختم ڪري ٿي. نڪوٽين ايڊري نلين Adrenaline پيدا ڪري ٿي جيڪا دل جي رفتار کي وڌائي ٿي ۽ دل سخت ڪم ڪري ٿي جنهن جي ڪري دل جو دٻاءُ وڌي ٿو جنهن ڪري دل کي وڌيڪ آڪسيجن Oxygen گهرجي ٿي ته جيئن هو رت کي جسم جي مختلف حصن ڏانهن موڪلڻ جو ڪم جاري رکي سگهي. نڪوٽين جي ڪري رت، رت جي شريانين / رڳن ۾ جلد ڄمي به وڃي ٿو جنهن ڪري دل جي دوري پوڻ جا امڪان (Chances) وڌيو وڃن.

**سگريٽ پيئندڙ پنهنجو اڌ دونهون ٻاهر اڇلائي ٿو جيڪو دونهون سگريٽ نه پيئندڙ به هوا جي ذريعي پنهنجي اندر داخل ڪن ٿا**

3. **ڪاربان مونو آڪسائيڊ:** اها هڪ زهريلي گئس آهي جيڪا 15 سيڪڙو ان آڪسيجن جي جاءِ والاري ٿي جيڪا خون ۾ خون جا ڳاڙها جزا کڻي ٿي. ان ڪري سگريٽ پيئندڙ جي دل جيڪا اڳ ۾ ئي گهٽي آڪسيجن گهري ٿي حقيقت ۾ گهٽ آڪسيجن حاصل ڪري سگهي ٿي. اهو اڃا اهڙن ماڻهن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ آهي جن کي دل ۽ ڦڦڙن جي بيماري آهي. ساڳي گيس سگريٽ پيئندڙ ۾ ساهه جي بيماري ۽ استمنا Stamina جي گهٽتائي جو سبب ٿئي ٿي. هن (ڪاربن مونو آڪسائيڊ) گيس جي ڪري رت جي شريانين ۾ چربي (Fat) ڄمي پوي ٿي ۽ اهي سوڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ نتيجي ۾ دل جي دوري پوڻ جا امڪان (Chances) وڌيو وڃن.

4. **ٻيا ڇيندڙ جزا:** مثلاً گئسون جيئن هائڊروجن سلفائيڊ، امونيا هائڊروجن سائنائيڊ، فارملڊي هائيڊ اهي گئسون نڪ، ڪن ۽ ڳلي تي خراب اثر ڪن ٿيون ۽ ڦڦڙن جي اندرين حصي کي نقصان پهچائي اندرين نالي کي سوڙهو ڪن ٿيون جنهن ڪري سگريٽ پئيندڙ کي سلهه ۽ ڳلي جي سوزش جهڙيون بيماريون ٿين ٿيون.

**سگريٽ جي دونهين ڇڪڻ جا طريقا:**

1. **سڌو طريقو:** هن طريقي ۾ سگريٽ جو دونهون سنڌو سنئون سگريٽ پيئندڙ جي ڦڦڙن ۾ وڃي ٿو ۽ هن ۾ 4 هزار مختلف ڪيميڪل هوندا آهن.

2. **اڻ سڌو طريقو:** هن طريقي سان دونهون سگريٽ نه پيئندڙ جي ڦڦڙن ۾ اندر داخل ٿئي ٿو. سگريٽ پيئندڙ ماڻهو سگريٽ جو دونهون هوا ۾ اڇلائين ٿا جنهن ۾ 4 هزار ڪيميڪل هوندا آهن پر هن ۾ 3 دفعا وڌيڪ ٽار، 5 دفعا وڌيڪ ڪاربان مونو آڪسائيڊ ۽ ٻيا ڪيميڪل هوندا آهن.

75 سيڪڙو دونهون اڻ سڌو ۽ 25 سيڪڙو دونهون سڌي طريقي وارو هوندو آهي. سگريٽ پيئندڙ پنهنجو اڌ دونهون ٻاهر اڇلائي ٿو جيڪو دونهون سگريٽ نه پيئندڙ به هوا جي ذريعي پنهنجي اندر داخل ڪن ٿا. ان جو مطلب ته 75 سيڪڙو دونهون سگريٽ نه پيئندڙ کڻي رهيا آهن.

اهو به ڏٺو ويو آهي ته سگريٽ پيئندڙ جي سگريٽ نه پيئندڙ زال کي ڦڦڙن جو ڪينسر جلد ٿئي ٿو ان عورت جي مقابلي ۾ جيڪا سگريٽ نه پيئندڙ جي سگريٽ نه پيئندڙ زال آهي.

**سگريٽ کي ڇڏڻ جا طريقا:**

سگريٽ کي ترڪ ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن ۽ انهن ۾ ڪو به آسان نه آهي پر صحيح رهنمائي ۽ پنهنجي خواهش تي توهان سگريٽ ڇڏي سگهو ٿا.

1. **هڪدم ڇڏڻ:** ٻين لفظن ۾ ڪٿي توهان اڄ پنهنجا مقرر سگريٽ ونو پر ٻئي ڏينهن هڪ به سگريٽ نه ونو. اهو ڏٺو ويو ته گهڻا سگريٽ پيئندڙ اها ڳالهه پسند ڪن ٿا ته هڪدم سگريٽ پيئڻ

**اهو به ڏٺو ويو آهي ته سگريٽ پيئندڙ جي سگريٽ نه پيئندڙ زال کي ڦڦڙن جو ڪينسر جلد ٿئي ٿو**

بند ڪجي، بجاءِ ان جي جو روز روز پاڻ کي ذهني تڪليف ڏني وڃي.

**2. سگريٽ گهٽائڻ:** هن طريقي ۾ توهان پنهنجي پيئڻ وارن سگريٽن کي گهٽيو مثلاً 30 سگريٽ روزانو. هاڻي توهان پاڻ کي ست ڏينهن ڏيو ته ستن ڏينهن کانپوءِ سگريٽ پيئڻ بند پهرين ڏينهن توهان 30 سگريٽ ونو، ٻئي ڏينهن تي 25 سگريٽ، ٽئين ڏينهن تي 20 سگريٽ استعمال ڪيو چوٿين ڏينهن 15 ۽ پنجين ڏينهن 10 سگريٽ ونو. ڇهين ڏينهن 5 سگريٽ توهان ونو ۽ آخر ستين ڏينهن توهان ڪوبه سگريٽ استعمال نه ڪندا. ڊاڪٽر سين (Sann) مطابق ته ماڻهو ان دوران نڪوريٽ ونئي جيڪو نڪوٽين چيونگ گم آهي نڪوريٽ (Nicoratte) جو استعمال سگريٽ ڇڏڻ کانپوءِ وارن پيدا ٿيندڙ اثرن کي گهٽائي ٿو.

**3. پوئتي ڪرڻ:** هن طريقي ۾ توهان پنهنجي سگريٽ پيئڻ واري وقت کي پوئتي ڪريو. مثلا پهرين ڏينهن توهان پهريون سگريٽ 9.00 بجي ورتو ساڳي سگريٽ کي توهان ٻئي ڏينهن تي 11.00 بجي استعمال ڪريو. ٽئين ڏينهن تي 1.00 بجي اهڙي طرح توهان سگريٽ پيئڻ جي وقفي کي وڌائيندا وڃو تان جو سگريٽ پيئڻ جو وقت توهان کي نه ملي.

**4. گڏيل پروگرام جو طريقو:** ڪي سگريٽ پيئندڙ گروپ جي شڪل ۾ سگريٽ پيئڻ جي عادت کي ختم ڪندا آهن چو ته انهن ۾ ايتري ارادي جي مضبوطي ڪونه هوندي آهي ان ڪري هو گروپ ناهي اهڙي ڪوشش ڪندا آهن.

**سگريٽ ڇڏيندڙ ماڻهو پنهنجي جسم تي نينڊريون ڇهنڊڙيون ۽ پنهنجي جنگهن ۽ ٻانهن کي بي حس محسوس ڪندا آهن. اها نشاني آهي ته انهن جي جسم ۾ رت جو دورو تيز هلي رهيو آهي ۽ دل جو سوڙهيون شريانيون هاڻي ويڪريون ٿي رهيون آهن**

بهر حال ڪوبه طريقو هجي توهان سگريٽ کي ختم ڪرڻ جي تاريخ مقرر ڪيو ۽ پوءِ ان تي مضبوطي سان ڪاربند رهو.

**سگريٽ ڇڏڻ جا جسم تي اثر:**

سگريٽ پيئندڙ سگريٽ ڇڏڻ کانپوءِ پنهنجي جسم تي ڪجهه اثر محسوس ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته هو نڪوٽين جا عادي هوندا آهن. اهڙا اثر ٻن هفتن اندر ختم ٿي ويندا. جنهن جو مطلب آهي ته سندن جسم صحتمندي واري رستي تي هلي رهيو آهي. هي ڪجهه نشانيون آهن.

1. سگريٽ ڇڏيندڙ ماڻهو پنهنجي جسم تي نينڊريون ڇهنڊڙيون ۽ پنهنجي جنگهن ۽ ٻانهن کي بي حس محسوس ڪندا آهن. اها نشاني آهي ته انهن جي جسم ۾ رت جو دورو تيز هلي رهيو آهي ۽ دل جون سوڙهيون شريانيون هاڻي ويڪريون ٿي رهيون آهن. جڏهن اهي مڪمل صحتمند ٿي ويندا ته اهي ڇهنڊڙيون ۽ بي حسي پاڻمرادو ختم ٿي ويندي.

2. ڪجهه ماڻهن اهو ٻڌايو ته سگريٽ جي عادت ڇڏڻ کانپوءِ انهن کي چڪر اچڻ شروع ٿيا. اهو ان ڪري ته هاڻي انهن جي دماغ تائين صاف آڪسيجن پهچي رهي هئي ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ گهٽجي رهي هئي. انهن جي دماغ کي 2 هفتا لڳندا ته هو صاف ۽ سٺي آڪسيجن حاصل ڪري پنهنجا عام ڪم ڪري سگهندا.

3. سگريٽ ڇڏڻ کانپوءِ ٿي سگهي ٿو ته کنگهه ٿي پوي اهو ان ڪري جو سيليا جيڪي هوا جي نالين ۾ سست ٿي ويا هيا اهي هاڻي وري ڪم ڪرڻ لڳا. ۽ هاڻي اهي مقرر رفتار کان وڌيڪ ڪم ڪن ٿا ته جيئن جي ڦڦڙن جي نالين تان گند، دونهون، مٿل سنهڙا جيوڙا ۽ تار کي صاف ڪن. جڏهن ساهه جي نالين مان هوا گذرڻ جو رستو صاف ٿي ويندو ته کنگهه ختم ٿي ويندي.

**سگريٽ جي طلب کي ڪيئن منهن ڏجي:-**

ماڻهو گهڻو ڪري سگريٽ ٽن سببن ڪري پيئندا آهن.

1. نشي کي پورو ڪرڻ لاءِ.
2. عادت کي پورو ڪرڻ لاءِ.
3. ذهني طلب کي پورو ڪرڻ لاءِ.

**1. نشي جي عادت کي پورو ڪرڻ لاءِ:** جيڪڏهن توهان سگريٽ جا عادي آهيو ته پوءِ پهريان ڪجهه ڏينهن توهان کي ڏکيا لڳندا. ان وقت توهان اهو سوچيو ته سگريٽ ڇڏڻ کانپوءِ توهان ڪيترو نه خوش گذاريندا. توهان کي گهڻي طاقت ملندي، ساهه آساني سان کڻي

ENVIRONMENT

# دنيا جي آبهوا ۾ تيزي سان ٿيندڙ تبديلين جو بيمارين تي اثر

سنڌيڪار: محمد موسيٰ آريجو

جيئوٽيڪ سائنسدانن کي اها پڪ نہ آهي پر پوءِ بہ ڪن سببن جي ڪري هو اهو سمجهن ٿا تہ هن ڌرتيءَ واري وايو منڊل ۾ موجود گئسن ۾ اضافو ٿيندو، جيڪو گرميءَ جو باعث بڻبو. اهي گئسون مٿين ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ڪلوروفلورود ڪاربان آهن. هونئن بہ چاليهن سالن کان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس ۾ چگو اضافو ٿيو آهي ۽ ٻين گئسن ۾ بہ ان کان وڌيڪ اضافو ٿيو هوندو جيڪڏهن رفتار ائين ئي رهي تہ سال 2100 ڌاري سمنڊ جي سطح 1 کان 3 ميٽر تائين مٿي چڙهي سگهي ٿي ۽ ايندڙ صديءَ جي وچ ڌاري اسانجي پوري ڌرتي جي موجوده ٽيمپريچر ۾ 2.5 ۽ 5.5 جي وچ ۾ ڪنهن بہ پد جو اضافو ٿيندو. جنهن سان گڏ وڏا ۽ تيز طوفان ايندا.

هن سان ضروري آهي تہ اسان جي هن سياري (Earth) جي آبهوا ۾ تبديلي ايندي جيڪا مختلف نمونن سان بيمارين جي طريقن تي اثر انداز ٿيندي. مثال طور: جيڪڏهن برسات ۽ ٽيمپريچر ۾ اضافو ٿئي تہ مليريا جون حدون بہ قطبن تائين وڌي ويندي يون. هيءَ بيماري انهن هنڌن تي بہ پهچي ويندي جتي ان جو اڳ ۾ نالو نشان ئي ڪونہ هيو. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ جو واحد طريقو خشڪ سالي (Drying out) پيدا ڪرڻ يا گرم علائقا ڇڏي وڃڻ آهي بهرحال مختصر اهو تہ تہ ٽيمپريچر ۾ اضافي سان مليريا ۽ ان جي جراثيمن جي ڦهلجڻ ۾ اضافو ٿيندو.

**ٻيلا ۽ بيماريون:**

گرم علائقن جي ٻيلن جي ڪٽائي جي ڪري ٻيلن جي بيمارين ۾ خاصو اضافو ٿئي ٿو ۽ اتان جا جراثيم ٻيلا ڇڏي انسانن تي حملا ڪن ٿا ڇاڪاڻ جو انهن جي خوراڪ جيڪا ٻيلن ۾ هئي اها ٻيلن جي ڪٽائي ڪري ختم ٿي ويئي. ان بيماري کي منهن ان طرح سان ڏئي سگهجي ٿو تہ ٻيلن کي باهيون ڏنيون وڃن ۽ انهي زمين کي صحيح ڪيو وڃي تہ جيئن ٻيهر نوان ٻيلا ٿي سگهن.

آفريڪا ۾ گهڻن ٻيلن ۾ وڻن ٽڻن جي ڪري انهن ۾ Sleeping Sickness بيماري هوندي آهي جيڪا برسات جي نہ پوڻ ڪري نہ ڦهلبي آهي پر جيڪڏهن برسات پوندي تہ اها بيماري پکڙبي ويندي ان صورت ۾ علائقي کي خالي ڪرڻ ئي بهتر آهي.

**آبهوا ۽ لڏ پلاڻ:**

آبهوا جي تبديلي جو اثر پاڻيءَ تي بہ پوي ٿو ۽ پاڻي واريون بيماريون پيدا ٿي پونديون آهن جن جو ڪو روپ ڪو نہ هوندو آهي جيئن پاڻيءَ ۾ جراثيمن جي پيداوار جهڙوڪ Schistosome ڪينئن جو ڦهلجڻ وغيره آهي. ٻئي طرف ہ سبب پيا بہ آهن جن سان هيءَ بيماري پنهنجون سرحدون وڌائي ٿي هڪ تہ پاڻيءَ جي گهٽتائي ڪري وڏي لڏ پلاڻ ٿئي ٿي ۽ ٻيو تہ آبپاشي لاءِ ڊير ناهڻ جي ڪري.

ہي پاڻيءَ جي بيماري Filariasis آهي جيڪا پڻ دنيا جي وڌندڙ گرميءَ جي ڪري ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن ٽيمپريچر ۾ اضافو ٿئي ٿو تہ هن بيماريءَ جا جراثيم گهڻي تعداد ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ ڦهلجن ٿا.

مختصر اهو تہ ڌرتي تي گرميءَ جي درجي وڌڻ سان بيماريون وڌن ۽ ڦهلجن ٿيون ۽ انهن تي پوءِ قابو ڪرڻ تمام گهڻو ڏکيو ٿي پوي ٿو.

ان لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪجهہ جواب هي آهن تہ جيستائين اسان جيترو جلدي آباديءَ جي اضافي، توانائي جي زيان ۽ ٻيلن ۽ وڻن جي ڪٽائي کي نہ روڪينداسين تہ مٿيون ڳالهيون ان جو ثبوت آهن تہ هن ڌرتيءَ جو وايو منڊل انسان ذات لاءِ هڪ خطرناڪ عذاب بڻجي پوندو. هاڻي ويچارڻ جو وقت نہ رهيو آهي. هن ڌرتي تي پيدا ٿيندڙ تبديلين جي اثرن تي مڪمل تحقيق ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ بہ ان جي روڪ لاءِ مستقل منصوبہ بندي ٿيڻ گهرجي.

**عالمگير حل:**

ٿورن لفظن ۾ اهو تہ هي هڪ عالمي مسئلو ۽ ان جو حل بہ عالمي هئڻ گهرجي جيتريقدر صحت ۽ بيمارين جي ڳالهہ جو تعلق آهي تہ ان لاءِ صحت واري عالمي تنظيم World Health Organisation کان وڌيڪ مناسب ٻيو ڪير آهي؟

# ایبٹ کی جانب سے

# فائبریڈ ®

## اسپغول اور گندم کے چوکر کا مرکّب

## قبض سے بچاؤ کا سہل اور مؤثر ذریعہ




غیرمتوازن غذا قبض کا ایک بڑا سبب!

**فائبریڈ**

قبض سے بچاؤ کے لئے

قبض سے فطری بچاؤ حاصل کیجئے۔

روزانہ دو چمچے فائبریڈ لیجئے۔

A PRODUCT OF GENERAL HEALTH CARE DIVISION
ABBOTT LABORATORIES (PAKISTAN) LTD
LANDHI, KARACHI.

خبردار: تمام دوائیں بچّوں کی پہنچ سے دُور رکھیں۔
اگر علامات برقرار رہیں تو ڈاکٹر سے رجوع کریں۔


MNJ

# مدي جو بخار
# Typhoid Fever

ڊاڪٽر فاروق الرحمان سومرو
ميڊيڪل آفيسر (انچارج) ليپروسي ڪنٽرول سينٽر ويجهو اتاترڪ ٽاور لاڙڪاڻو

هن کي مدي جو بخار انهي ڪري چون ٿا جو هن جي ڇڏڻ جو وقت (مُدو) مقرر ٿئي ٿو. جيڪو 21 ڏينهن کي 42 ڏينهن بہ ٿي سگهي ٿو. پر عام حالت ۾ صرف 21 ڏينهن ئي ٿيندو آهي.

**ڪارڻ:-** هن مرض جو اصل سبب هڪ قسم جو جيوڙو سالمو نيلا ٽائيفوسا (Salmonela Typhosa) ٿئي ٿو. جيڪو خوردبين ذريعي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي جراثيم خون ۾ داخل ٿي پنهنجو زهريلو تاثير جسم ۾ پيدا ڪري ٿو. هن جو گهڻو اثر آنڊن تي ٿئي ٿو، پر جگر، تلي ۽ پتو بہ هن جي اثر کان آجا نٿا رهن. اهي جيوڙا پيشاب ۽ ڪاڪوس ۾ خارج ٿين ٿا تہ وڏيڪ ماڻهن ۾ پکڙجي سگهن ٿا. جڏهن غذا جي بي احتياطي ۽ خاص ڪري سرءُ جي موسم هن لاءِ ڪافي مددگار ثابت ٿئي ٿي. هي بخار ڪڏهن ڪڏهن وبائي صورت اختيار ڪري ٿو. جوانن ۾ پوڙهن جي بنسبت هي بخار وڌيڪ ٿئي ٿو. انهي ڪانسواءِ ناقص غذا عام ڪمزوري بہ هن جا سبب آهن.

> **شروعات ۾ سستي، پيٽ ۾ سور، مٿي ۾ سور ۽ ٻک جو گهٽ لڳڻ بہ ٿيندو آهي**

**نشانيون:-** جيئن تہ هي بخار جيوڙن جي ڪري ٿئي ٿو تنهن ڪري جڏهن هي خون ۾ سرايت ڪري ٿو تہ شروعات ۾ سستي، پيٽ ۾ سور، مٿي ۾ سور ۽ ٻک جو گهٽ لڳڻ بہ ٿيندو آهي، بدن ۾ سور وڌي ٿو ۽ ٻيون علامتون پڻ شدت اختيار ڪن ٿيون.

هن بخار جا ٽي درجا ٿين ٿا ۽ هر درجہ تقريباً هڪ هفتو هلي ٿو.

**پهريون هفتو:-** بخار وڌندو رهي ٿو، البت صبح جي وقت ڪجهہ گهٽتائي اچي ٿي، پر شام جو اڪثر 104 درجا بخار ٿئي ٿو. پيٽ ۾ سور، وات ۾ بدبوءِ زبان سفيد ۽ زبان جي چنهب سرخ ٿئي ٿي. اڪثر پهرين هفتي ۾ قبضي رهي ٿي، بدن تي ڳاڙها نشان ٿين ٿا. رات جو گهڻي بخار سبب وڙل بہ ٿئي ٿي.

**ٻيو هفتو:-** شروعات ۾ بخار رات ۾ وڌيڪ ٿي 105 ڊگري تائين پهچي ٿو. پر صبح جو ڪافي گهٽجي وڃي ٿو. پيٽ ۾ شديد سور ۽ پيٽ ڦوڪيل ڏسبو آهي. ڏينهن ۾ دست هلڪي پيلي رنگ جا بدبودار ٿين ٿا. جنهن ڪانپوءِ وري آنڊي جي ڇلجڻ ڪري خون بہ ملي اچي ٿو. جيڪڏهن علامتون شديد هجن تہ انجام هفتي جي آخر ۾ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو يا چوڏهين ڏينهن سيني علامتن ۾ گهٽتائي شروع ٿئي ٿي.

**ٽيون هفتو:-** جيتوڻيڪ هن هفتي علامتون سڀئي گهٽجي وڃن ٿيون. يعني بخار تمام گهٽ ٿئي ٿو، بدن ۾ سور وغيره بہ گهٽجيو وڃي پر مريض سخت ڪمزوري محسوس ڪري ٿو. هن وقت غذا جي خاص پرهيز رکجي نہ تہ آنڊي جي وڌيڪ ڇلجي ڦاٽڻ جو انديشو ٿي سگهي ٿو. هن هفتي جي آخر ۾ بخار لهي وڃي ٿو، ڪمزوري شديد ٿئي ٿي. بخار جي آخري هفتي ۾ پيشاب ۾ (Albumin) خارج ٿئي ٿي. آخر ۾ جيتوڻيڪ بخار ختم ٿيو وڃي، پر غذا جي نہ ڪاڻ ڪري مريض ڪافي ڪمزور ٿيو پوي. ڪمزوري بخار کان پوءِ بہ ٻہ ٽي هفتا باقي رهي ٿي.

ڪن بيمارين ۾ بہ اهڙيون علامتون ٿين ٿيون جهڙيون مُدي جي بخار ۾، تنهن ڪري انهن بيمارين جي پلجڻ جو امڪان رهي ٿو، تنهن ڪري هيٺين ڳالهين سان مُدي جي بخار کي ڌار تشخيص ڪري سگهجي ٿو.

1- ڪنڌ ٽوڙ بخار (Meningitis) ۾ ڪنڌ آڪڙجي ويندو آهي ۽ روشني نہ وڻندي آهي.

2- سلهہ ۾ شروعات کان ئي کنگهہ ٿئي ٿي.

3- نمونيا ۾ پاسن ۾ سخت سور جون سُوئون ۽ بلغم سان گڏ خون بہ ملي اچي ٿو.

4- معدي ۽ آنڊي جي سوج ۾ اڪثر بخار ڪري بلڪل گهٽ ٿيو وڃي، پر مدي جو بخار صرف صبح جي پهر ۾ گهٽ ٿئي ٿو.

**علاج:-** پيئڻ لاءِ پاڻي بلڪل پاڪ، صاف ۽ ٺهڪائي ٺاري رکجي پوءِ پيارجي. غذا جو تمام گهڻو خيال رکجي، ڪابہ سخت ۽ دير هضم غذا نہ ڏجي. بهتر آهي تہ صرف سوجي جي پتڙي رٻ، سابو چانور کير ۾ رڌي، ڊبل روٽي، بسڪوٽ، چانهہ، کير ۽ ميون جي رس تي گذارو ڪجي، جيئن آنڊي تي وڌيڪ بار نہ پوي. مرچ، مصالحا ۽ ڪٽين شين کان پاسو ڪرڻ گهرجي، انکانسواءِ ڊاڪٽر پاران تجويز ڪيل دوائون وقت سر کائڻ گهرجن ۽ ان سان گڏوگڏ آرام پڻ ڪجي.

**بچاءُ:-**
هن بيماري کان بچاءُ جا ٽڪا (Vaccine) بہ موجود آهن جيڪي بيماري جي وبائي صورت اختيار ڪرڻ دوارن ضرور لڳرائجن.

# آفيم جي ڪهاڻي

وحيد مراد -ايل- قاضي لاڙڪاڻو

هر اها شئي جيڪا انسان کي مڙني حواسن مان ڪڍي اها نشو آور آهي ۽ انهن منجهان آفيم به هڪ آهي هن وقت دنيا جي ڪا به ڪنڊ هن لعنت کان بچيل نه آهي. آفيم جو آغاز بحرِ روم جي علائقي مان تقريباً 300 قبل مسيح شروع ٿيو، برصغير ۾ سڀ کان پهرين آفيم وچ ايشيا ۽ ايران مان داخل ٿي، مغليه دور ۾ هندوستان ۾ آفيم کي ترقي ڏني ويئي ۽ وڏا وڏا ماڻهو ان کي فرحت لاءِ استعمال ڪندا هئا تنهن دور ۾ دهلي مڪمل طور تي آفيم جي وڪڙ ۾ اچي چڪي هئي جيئو وڃي ٿو ته مغليه حڪومت جي زوال ۾ آفيم پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو.

آفيم عام طور تي چئن ٻوٽن مان حاصل ڪيو ويندو آهي، اهي هي آهن.

آفيم خشخاش
(Papaver Sominiferum)

آئس لينڊ خشخاش
(Papaver Nudicaula)

مشرقي خشخاش
(Papaver Orientale)

دانه خشخاش
(Rhoeas Papaver)

هن وقت به آفيم خشخاش (Papaver Sominiferum) دنيا ۾ تمام گهڻي تجارت جي مقصد سان پيدا ڪئي وڃي ٿي، پهريائين هي خيال ڪيو ويندو هو ته آفيم خشخاش کي ابتدائي طور تي (Setigerum Pa-paver) مان حاصل ڪيو وڃي ٿو هي پڻ بحر روم جو هڪ جهنگلي ٻوٽو هيو پر اڄڪلهه جي تجربن ۽ تحقيقات ان ڳالهه کي بلڪل غلط ثابت ڪيو ڇو ته آفيم خشخاش هڪ جفت خلوي (Pluiddi) ٻوٽي هيا ور ۽ چهاور خلوي (Pluid Tetra) ٻوٽا پڻ Setigerum Papaver مان پيدا ناهن ڪيا ويا. خشخاش جا ٻوٽا اڪثر معتدل آبهوا ۾ پوکيا ويندا آهن. خشخاش جا ٻوٽا ٻجن (Seeds) مان حاصل ڪيا ويندا آهن اهي هر قسم جي مٽي ۾ پوکي سگهجن ٿا پر اهي نرم ۽ چيڪي مٽي تي مناسب آهن. خشخاش جا ٻوٽا تقريباً 60 کان 120 سينٽي ميٽر ڊگها ٿيندا آهن. گهڻي سرد يا ٿڌي آبهوا ان ٻوٽن لاءِ مناسب نه آهي ڇو ته ان سان آفيم جي خاصيت ۽ مقدار تي اثر پوي ٿو، گهڻيون تيز هوائون به ان لاءِ هاڃيڪار آهن خشخاش ربيع جو فصل آهي، فاسفيٽ ۽ نائٽروجن آفيم لاءِ تمام فائديمند آهن، يارنهن، ٻارهن هفتن بعد ٻجن مان نڪرڻ شروع ٿيندا آهن.

آفيم ۾ ڪنهن به قسم جي سور کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي، آفيم ٿڪاوٽ، تڪليف پڻ ختم ڪندو آهي، ان خاصيت جي بناءَ تي قديم زماني جا طبيب مختلف قسمن جي نسخن ۾ آفيم کي استعمال ڪندا هئا تنهنڪري حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش کان هڪ سو پنجاهه سال اڳ مشهور زمانه حڪيم جالينوس آفيم جي مرڪزي ترڪيب سان هڪ اهڙو معجون تيار ڪيو جيڪو هر مرض لاءِ دوا هيو مثلاً تيز مٿي جو سور، ساهه جي تنگي، کنگهه، خون جون الٽيون، بخار، مرگهي، فالج، جگر ۽ مثاني جي تڪليف، پٿري، وبائي امراض، ڪوڙهه زهريلي جانورن جي ڏنگ لاءِ ۽ نظر جي ڪمزوري لاءِ مُفيد هيو.

ملڪه وڪٽوريه جي دور ۾ مائرون پنهنجن ٻارن کي ٿورو آفيم کارائينديون هيون ته جيئن اهي نه روئن، ڳوٺن ۾ اڄ به اهو رواج آهي ته آفيم کي هوڙ جي سور لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. 1900ع تائين آفيم صرف دوائن ۾

> **هڪ جرمن دواساز آفيم ۾ مارفين الڪولائيڊ معلوم ڪيو هو ۽ ان مارفين جو نالو ديوتا (Morph) جي نالي پٺيان مارفين رکيو هيو**

استعمال ٿيندو هيو ۽ ان جي پوک تي ڪنهن به قسم جي پابندي نه هئي، پر ويهين صديءَ جي آغاز ۾ جڏهن آفيم کي ماٺهو نشي طور استعمال ڪرڻ لڳا ۽ اهو سلسلو وڌندو ويو ته حڪومتن ان جي تجارت ۽ پوک تي پابندي عائد ڪري ڇڏي ڪنهن دور ۾ چين جا ماڻهو آفيم کائڻ جي معاملي ۾ تاريخي شهرت رکندا هيا پر هاڻي اتي جي عوامي حڪومت ان لعنت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي.

آفيم ۾ عموماً 20 الڪولائيڊز لڌا وڃن ٿا جن جو طبي نسخن تي استعمال وڏي اهميت وارو آهي پر ان جو نشي طور استعمال تمام خطرناڪ آهي آفيم ۾ هن وقت تائين 25 الڪولائيڊز معلوم ڪيا ويا آهن جيئن مارفين، ڪوڊين، هيروئن، ٿيبائن، ناڪوٽين، نارسين ۽ پاپا ورائن آفيم جا خاص الڪولائيڊز آهن، پر آفيم ۾ مارفين جي مقدار سڀ کان وڌيڪ ٿئي ٿي ۽ مارفين آفيم جو خاص جزو آهي؛ مارفين کي اڪثر جو هر مارفين چيو ويندو آهي.

1530ع ۾ آفيم مان هڪ قسم ٽنڪچر لاڊينم ٺاهيو ويو جنهن کي سيني جي مرضن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هيو، 1815ع ۾ هڪ جرمن دواساز آفيم ۾ مارفين الڪولائيڊ معلوم ڪيو هو ۽ ان مارفين جو نالو ديوتا (Morph) جي نالي پٺيان مارفين رکيو هيو مارفين جو استعمال سڀ کان پهرين دوا طور ڪيو ويو پر بعد ۾ مارفين نشي طور استعمال ٿيڻ لڳي، هن وقت مارفين جي وڏي ۾ وڏي مقدار انڊيا، فرانس، جرمني، سويڊن، الجيريا، آسٽريليا، جاپان، چين مصر ۾ ملي ٿي، آفيم ۾ گهٽائي تيزاب مثلاً خشخاش جو تيزاب 10سيڪڙو، ڪير جو تيزاب (Acid Lactic) طر طير جو تيزاب، ليمي جو تيزاب، سرڪي جو تيزاب، سلفر جو تيزاب، گندرف جو تيزاب، لوڻ طور اهي تيزاب آفيم ۾ موجود هوندا آهن ان کان علاوه آفيم ۾ پروٽين آزاد امينو ايسڊ، 5 کان 10 فيصد پوري مين 6 کان 13 سيڪڙو ڪافور جو تيل، ڪنڊ، امونيا ۽ ٻيا جزا لڌا وڃن ٿا.

آفيم جي وڌ ۾ وڌ پوک بالترتيب برما - انڊيا - ايران - ترڪي ۽ افغانستان ۾ وڌيڪ ٿئي ٿي پاڪستان ۾ پڻ آفيم جي پوک 4500 ايڪڙ رقبي تي ٿيندي هئي / آهي؟ هن معاشري جي سڌاري لاءِ حڪومت کي جوڳا اپاءَ وٺي ۽ ان لعنت جي فروشن جي مرتڪب شخصن تي ڪڙي نظر رکي ۽ انهن کي سخت کان سخت تر سزا ڏيڻ گهرجي جيئن اهي ٻيهر قوم جي نوجوانن کي ورغلائڻ جي ڪوشش نه ڪري سگهن.

خدا تعاليٰ کان اسان جي دعا آهي ته هر نوجوان ننڍي ۽ پوڙهي مرد توڙي عورت کي نشي جي لعنت کان بچائي.

**ڪجهه ماڻرون ٻارن کي ننڊ ڏيارڻ لاءِ آفيم يا ٻي ڪا غير ضروري نشي آور دوا ڏينديون آهن - جيڪا ٻار لاءِ سخت نقصانڪار ثابت ٿيندي آهي.**



# فولاد (Iron) ۽ انساني زندگي

حبيب الرحمان گاد
لاڙڪاڻو سنڌ

اسان جي ملڪ ۾ اڪثر عورتون ۽ ٻار فولاد جي ڪمي جو شڪار آهن فولاد خون جو هڪ لازمي حصو آهي ۽ ان جي ڪمي خون جي ڪمي آهي. هڪ اندازي مطابق آمريڪا، يورپ ۽ جاپان ۾ 10 کان 20 سيڪڙو عورتون خون جي ڪميءَ جو شڪار آهن.

جسم ۾ خون جي ڪميءَ کي طبي زبان ۾ "اينيميا" چيو ويندو آهي. اينيميا جون ڪيترريون ئي علامتون ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ سڀ کان اهم ۽ وڏيڪ فولاد جي گهٽتائي ٿيندي آهي. اينيميا جون علامتون ايتريون ته معمولي هونديون آهن جو انهن کي غير ضروري سمجهيو ويندو آهي. مريض جو رنگ ڳاڙهي ٿيڻ جي بجاءِ ڦڪو ٿي ويندو آهي. ان کي جلدي ٿڪجڻ جو احساس ٿيندو آهي ۽ اڪثر گهٽ نظر واريون عورتون "اينيميا" جو شڪار ٿينديون آهن فولاد جي ڪمي جسم کي آڪسيجن جي فراهميءَ کان متاثر ڪندي آهي ۽ ذهن ۽ دماغ کي شديد نقصان پهچائيندي آهي. هي عام طور تي ٻارن ۾ ۽ عورتن ۾ زياده ٿيندي آهي. فولاد جي ڪمي ٻارن جي ذهني نشونما کي بري طرح متاثر ڪندي آهي. جسم جو مدافعتي نظام فولاد جي بغير صحيح طور تي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اها ڪمي جان ليوا به ٿي سگهي ٿي. اسان وٽ حامله عورتن کي فولاد جون گوريون ڏنيون وينديون آهن جن سان ٻار کي فولاد جي ڪمي کان بچائڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي. فولاد جي گهٽتائي هئڻ جا ڪيترائي سبب آهن. فولاد گوشت، مڇي، مرغي، صوف وغيره ۾ وڏي مقدار ۾ هوندو آهي.

**فولاد گوشت، مڇي، مرغي، صوف وغيره ۾ وڏي مقدار ۾ هوندو آهي**

ٽين دنيا ۾ غذا جي ڪمي، مختلف بيمارين جو سبب آهي ۽ ان ۾ فولاد جي ڪمي به شامل آهي. گوشت کان مڪمل طور پرهيز ڪرڻ وارا شخص هن جو شڪار ٿي ويندا آهن. گوشت گهٽ کائڻ صحت جي لاءِ فائديمند به آهي پر گوشت کان مڪمل طور تي پرهيز



## ٻارن ۾ فولاد جي ڪمي جي اهم سببن ۾ "پيٽ جا ڪيڙا" سر فهرست آهن

ڪرڻ نقصان ڪار آهي، عورتن ۾ فولاد جي ڪمي ماهواري جي دوران خون جي ضايع ٿيڻ ڪري ٿيندي آهي، اڪثر عورتون مناسب غذا استعمال نہ ڪنديون آهن هڪ نارمل مرد هر روز پيشاب، چمڙي ۽ پاخاني جي ذريعي تقريباً هڪ ملي گرام فولاد جو اخراج ڪندو آهي، جڏهن تہ هڪ نارمل عورت ۾ هي مقدار 0.8 ملي گرام آهي. ماهواري جي دوران البتہ عورتون عام ڏينهن ڪان ٻي دفعا وڌيڪ فولاد وڃائينديون آهن. حمل جي دوران فولاد جي مقدار جي ضرورت هوندي آهي، ماءُ جو جسم ننڍي وجود جي نشونما جي لاءِ غذائي جزا فراهم ڪندو آهي، جنهن ۾ فولاد بہ شامل آهي، اڪثر عورتون گهرن ۾ ٻارن ۽ مڙس جي ذميدارين جي ڪري پنهنجي ڪاڏي تي توجہ نہ ڏينديون آهن ۽ فولاد جي ڪمي جو شڪار ٿي وينديون آهن.

ٻارن ۾ فولاد جي ڪمي جي اهم سببن ۾ "پيٽ جا ڪيڙا" سر فهرست آهن، پيٽ جا ڪيڙا آنڊن ۾ رهندا آهن ۽ خون چوسي پلجندا آهن، جيترا وڌيڪ ڪيڙا هوندا آهن اوترو وڌيڪ خون پيئندا آهن ۽ ٻن ڪان ٽن ملين تائين "پيٽ جا ڪيڙا" هڪ انسان ۾ موجود ٿي سگهن ٿا. هي پنهنجي شڪار کي ماريندا تہ نہ آهن، پر ان کي ڪمزور ۽ ناچاڪ بڻائي ڇڏيندا آهن ماهرين جي اندازي مطابق دنيا جي آباديءَ جو پنجون حصو "پيٽ جي ڪيڙن" جو شڪار آهي.

انڊونيشيا، ڀارت، گوئٽي مالا، ٿائي ليند، سري لنڪا، مصر ۽ آمريڪا ۾ ٿيندڙ تفصيلي تجربن ۽ تحقيق سان اها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ فولاد جي ڪميءَ سان "اينيميا" جا شڪار ٻار مختلف ذهني امتحانن ۾ پوئتي رهن ٿا، ۽ اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ جن ٻارن ۾ فولاد جي ڪمي هوندي آهي ان ۾ پيچش ۽ نظام تنفس جون بيماريون عام هونديون آهن.

فولاد جي ڪميءَ ڪان متاثر ٿيل شخص پنهنجي جسم جو گرمي جو درجو ڪنٽرول ڪرڻ جو نظام وڃائي ويهندا آهن ۽ ان ۾ سردي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت گهٽ ٿي ويندي آهي. آمريڪا ۾ تجربن جي دوران جڏهن اينيميا ۽ صحت مند ماڻهوءَ کي ٿڌي پاڻيءَ جي ٽب ۾ ويهاريون ويو تہ صحت مند ماڻهوءَ جو درجہ حرارت 28 سينٽي گريڊ تائين ڪري پيو.

چاليھ سالن جي عمر ڪانپوءِ مردن ۾ وڏي آنڊي جو ڪينسر جو خطرو وڌي ويندو آهي ۽ ان ڪينسر جي پهرئين علامت بعض وقتن ۾ "اينيميا" هوندي آهي. ان لاءِ چاليھ سالن ڪانپوءِ واري عمر جي تمام ماڻهن کي پنهنجو سالانو طبي معائنو ڪرائڻ گهرجي. وڏي آنڊي جي ڪينسر جو وڏو سبب گوشت جو وڌيڪ استعمال آهي انسان جي عمر جيڏي وڌندي ٿي وڃي ٿي جسم جا عضوا ڪمزور ٿيندا ٿا وڃن ۽ مختلف بيماريون پيدا ٿيون ٿين. ان جو علاج طبي گوريون انجيڪشن ۽ خون چڙهائڻ آهي پر بهترين علاج غذا جي وسيلي فولاد حاصل ڪرڻ آهي مناسب ۽ متوازن غذا هزار بيمارين ۽ پريشانين جو علاج آهي جيڪڏهن جسم ۾ فولاد زياده ٿي وڃي تہ ڪيترائي نظام متاثر ٿيندا. جگر جي خرابي "سائي" جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. جڏهن تہ دل ۽ دماغ بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن. جسم ۾ ڪنڊ تي ضابطي جي صلاحيت ختم ٿي وڃي ٿي جنهن ڪري "ذيابيطس" جي بيماري ٿئي ٿي. ڪجھ مريضن کي جگر جو ڪينسر ٿيندو آهي جيڪو صرف چند مهينن ۾ ماري ڇڏيندو آهي ۽ فولاد زياده جمع ٿيڻ جي صورت ۾ جنسي صلاحيت بہ ختم ٿي سگهي ٿي. ان مان ثابت ٿيو تہ فولاد جي ڪمي يا زيادتي ٻئي تباهہ ڪن آهن ان ڪري ٻنهي صورتن کان بچڻ جي ضرورت آهي.

> تجربن ۽ تحقيق سان اها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ فولاد جي ڪميءَ سان "اينيميا" جا شڪار ٻار مختلف ذهني امتحانن ۾ پوئتي رهن ٿا

> پر بهترين علاج غذا جي وسيلي فولاد حاصل ڪرڻ آهي مناسب ۽ متوازن غذا هزار بيمارين ۽ پريشانين جو علاج آهي

> عورتن ۾ فولاد جي ڪمي ماهواري جي دوران خون جي ضايع ٿيڻ ڪري ٿيندي آهي

# ويڄ ڊسڪائونٽ ڪوپن

جنوري 1995 کان وٺي ماهوار ويڄ پنهنجي پڙهندڙن لاءِ خاص تحفو "ويڄ ڊسڪائونٽ ڪوپن" متعارف ڪرائي رهيو آهي- پڙهندڙ هن صفحي تي ڇاپيل خاص دڪاندارن جا ڪوپن ڪينچي سان ڪٽي ڪوپن ۾ لکيل تاريخ واري معيار اندر انهن وٽان مقرر ڪيل رعايت حاصل ڪري سگهن ٿا.


لاڙڪاڻي جي مرڪزي علائقي ۾
هر قسم جي بيڪري ۽ جنرل اسٽور وارين شين جو مرڪز

## ثناء بيڪرز (ايئرڪنڊيشنڊ)

پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 20 فيبروري 1995 تائين هر گراهڪ کي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

---

هر قسم جي سلوار قميص، پينٽ شرٽ ۽ ويسڪيٽ جي سلائي جو اعليٰ مرڪز

## ريلائنس ٽيلرز

شاپ نمبر 11-16 پرگڙي پلازا سامهون جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو پروپرائيٽر: احمد علي حيدري

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 20 فيبروري 1995 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي سلائي تي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

---

خون، پيشاب، بلغم، پائخاني وغيره جي هر قسم جي معياري ٽيسٽ جو مرڪز

## نيشنل پيٿالاجيڪل ليبارٽري

نزد الحبيب هوٽل بئريج روڊ سکر

ويڄ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 20 فيبروري 1995 تائين هر قسم جي ٽيسٽ ڪرائڻ تي ڏهه سيڪڙو (10%) رعايت حاصل ڪريو.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو


## هر قسم جي ڌنڌي وارا دوست توجهه ڏين

هر قسم جي دڪاندار، هوٽل، ميڊيڪل اسٽور، پيٿالاجي ليبارٽري ۽ ٻين ڌنڌي وارن لاءِ ويڄ ڊسڪائونٽ ڪوپن اسڪيم ۾ مفت شموليت اوهان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري پنهنجو ڪاروبار وڌائي سگهو ٿا.

لکپڙهه لاءِ:

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي. پي. او باڪس نمبر 568 ڪراچي.**

## ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن

# گڏيل ٽينڊر نوٽيس

ڪي. ايم. سي جي اهڙن مڃيل ٺيڪيدارن ڪان جن سال 95-1994 لاءِ پنهنجي تجديدي فيس جمع ڪرائي آهي، هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ مهربند گڏيل ٽينڊر نوٽيس گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪتيل رقم | سوڻي رقم | ٽينڊر في | کلڻ جي تاريخ |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | جي مصطفيٰ بلاڪ 12 ۽ 13 جي وچ ۾ شاهراهه عظيم الله جي امپرووَمنٽ (پلانٽ ڪارپيٽ). | 6,99,334/= | 13,990/= | 750/= | 24-1-95 |
| 2 | جي مصطفيٰ بلاڪ نمبر 17 ۽ 18 وچ ۾ شاهراهه عظيم الله جي امپرووَمنٽ. | 6,98,460/= | 13,970/= | 750/= | ساڳي |
| 3 | جي مصطفيٰ ۾ سهراب ڳوٺ ڪان 7000 روڊ جنڪشن تائين شاهه ولي الله جي امپرووَمنٽ (پيچ ورڪ). | 4,99,590/= | 9,9925/= | 500/= | ساڳي |
| 4 | جي مصطفيٰ ۾ عائشه منزل ڪان طاهر ولا چوراهي تائين ابن حسن جار چوي روڊ فٽ پاٿ جي امپرووَمنٽ. | 4,97,938/= | 9,960/= | 500/= | ساڳي |
| 5 | واٽر پمپ چوراهي فيڊرل بي ايريا ڪان شاهراهه طفيل شهيد (ڊرين) جي امپرووَمنٽ. | 4,35,896/= | 8,720/= | 500/= | ساڳي |
| 6 | جي مصطفيٰ بلاڪ نمبر 7 ۽ 14 ۾ ڪي ايم سي لائبرري ڪان روڊ ۽ فٽ پاٿ جي امپرووَمنٽ. | 3,73,543 | 7,475/= | 500/= | ساڳي |
| 7 | جي مصطفيٰ بلاڪ نمبر 10 ۽ 11 (ڪي پي 151) ۾ روڊن جي امپرووَمنٽ / ريپئر. | 3,49,224/= | 6,988/= | 500/= | ساڳي |
| 8 | جي مصطفيٰ بلاڪ - 7 ۾ مڪي مسجد ويجهو آغا خان اسڪول وٽان روڊ ۽ فٽ پاٿ جي امپرووَمنٽ. | 2,67,444/= | 5,352/= | 500/= | ساڳي |
| 9 | جي مصطفيٰ ۾ بلاڪ 16 (ڪي. پي 146) ۾ مختلف جڳهن تي روڊن تي پيچز جي امپرووَمنٽ ۽ ريپئر. | 2,51,657/= | 5,038/= | 500/= | ساڳي |
| 10 | شاهه راهه پاڪستان ڪي ايم سي ورڪشاپ فيڊرل بي ايريا وٽان روڊن جي امپرووَمنٽ. | 2,00,010/= | 4,025/= | 500/= | ساڳي |
| 11 | جي مصطفيٰ بلاڪ - 22 ۾ قبرستان جي امپرووَمنٽ. | 1,49,706/= | 2,998/= | 200/= | ساڳي |
| 12 | جي مصطفيٰ بلاڪ - 7 شاهه راهه ولايت ڪان شاهه راهه سرور شهيد تائين، شاهه راهه عنايت جي امپرووَمنٽ. | 1,48,521/= | 2,970/= | 200/= | ساڳي |
| 13 | جي مصطفيٰ بلاڪ - 18 ۾ ڪيپٽن سرور شهيد ڪي ايم سي اسڪول ۾ واڌاري ڪلاس روم جي تعمير. | 1,51,662/= | 3,038/= | 200/= | ساڳي |
| 14 | جي مصطفيٰ سٽي گارڊن ڪان برج تائين راشد منهاس روڊ، رڊيوسنگ سينٽرل آئزلينڊ جي امپرووَمنٽ. | 4,77,823/= | 9,560/= | 500/= | ساڳي |
| 15 | جي مصطفيٰ بلاڪ -21 ۾ مختلف جاين تي روڊن ۾ چٽين سان امپرووَمنٽ / ريپئر. | 1,26,226/= | 2,530/= | 200/= | ساڳي |
| 16 | جي مصطفيٰ شاهراهه طفيل وٽ واٽر پمپ چوڏگي ڪان گلبرگ چوڏگي ايس. ڊبليو ڊرين (تباهه ٿيل حصو) جي پيرا پٽ وال سان امپرووَمنٽ ڪرڻ. | 93,905/= | 1,880/= | 200/= | ساڳي |
| 17 | جي مصطفيٰ (ڪي. پي 155) ۾ ڪاڪا باواني روڊ جي | 84,747/= | 1700/= | 200/= | ساڳي |

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٿي رقم | ٽينڊر في | ڪلڻ جي تاريخ |
|---|---|---|---|---|---|
| | رهيل حصي جي امپرووومنٽ. | | | | |
| 18 | جي مصطفيٰ بلاڪ نمبر - 6 (ڪي. پي 150) ۾ گهر نمبر 273 کان 215 تائين روڊ جي رپيئر. | 76,041/= | 1525/= | 200/= | 24-1-95 |
| 19 | جي مصطفيٰ فائر برگيڊ اسٽيشن جي آفيس بلڊنگ جي ساليانيرپيئر. | 85,693/= | 1725/= | 200/= | ساڳي |
| 20 | جي مصطفيٰ بلاڪ 18 ۾ ڪيپٽن سرور شهيد ڪي ايم سي اسڪول جي مينٽينس. | 83,102/= | 1670/= | 200/= | ساڳي |
| 21 | جي مصطفيٰ (ڪي. پي 1-155 ۾ عثمان ختور روڊ جي امپرووومنٽ. | 81,689/= | 1635/= | 200/= | ساڳي |
| 22 | جي مصطفيٰ، موسيٰ ڪالوني (ڪي پي -156) ۾ سي سي اسٽريٽ جي رپيئرنگ. | 65,540/= | 1315/= | 200/= | ساڳي |
| 23 | جي مصطفيٰ (ڪي. پي 150) ۾ پلاٽ نمبر ڊي 153 کان ڊي 143 تائين روڊ جي امپرووومنٽ /رپيئرنگ. | 73,067/= | 1465/= | 200/= | ساڳي |
| 24 | جي مصطفيٰ بلاڪ 20 ۾ ابراهيم علي ڀائي ڪي ايم سي اسڪول جي مينٽينس / رپيئر. | 70,526/= | 1415/= | 200/= | ساڳي |
| 25 | جي مصطفيٰ بلاڪ ۾ چوڌري محمد علي ڪي ايم سي اسڪول جي امپرووومنٽ / رپيئر. | 69,810/= | 1400/= | 200/= | ساڳي |
| 26 | فيڊرل بي ايريا (ڪي. پي 155) ۾ سر آغا خان جي. پي. ايس اسڪول جي مينٽيننسؑ ڪاٺي جي فريمن جي تبديلي. | 67,154/= | 1345/= | 200/= | ساڳي |
| 27 | جي مصطفيٰ بلاڪ -17 ۾ ابو تراب ڪي ايم سي اسڪول ۾ مائنر رپيئر. | 46,603/= | 930/= | 100/= | ساڳي |
| 28 | جي مصطفيٰ ۾ مدينہ مسجد پرسان شمي شهيد روڊ جي مختلف هنڌن تي امپرووومنٽ. | 43,055/= | 870/= | 100/= | ساڳي |

ٽينڊر ڊاڪيومينٽس آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (بي اينڊ آر - II ) فيڊرل بي ايريا، سينٽرل ڪي ايم سي واقع ساڍي 8 عزيز آباد فيڊرل بي ايريا ڪراچي، چيف انجنيئر اي، اي، او. ڪي ايم سي ۽ انڪوائري آفيس واقع ايم. اي جناح روڊ ڪراچي وٽان مٿي ڏيکاريل رقم جي ادائگي (ناقابل واپسي) تي صبح 9 وڳي کان منجهند 1 وڳي تائين ٽينڊرن کلڻ واري تاريخ کان اڳ ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جي ملهہ جو پي آرڊر حبيب بئنڪ لميٽيڊ ڪي ايم سي برانچ وٽان ۽ بہ سيڪڙو سوٿي رقم جو پي آرڊر ڪنهن بہ شيڊولڊ بئنڪ وٽان ڪي ايم سي جي نالي ۾ ڀرائي ٽينڊر فارمن سان گڏ شامل ڪرڻ گهرجي.

مٿي ذڪر ڪيل ڪانسواءِ ٽينڊر ڊاڪيومنٽس صرف اهڙن ٺيڪيدارن کي جاري ڪيا ويندا جيڪي سوٿي رقم جي ڊپازٽ ڪرڻ جو ثبوت پيش ڪندا ۽ ٽينڊر جاري ڪندڙ اختياري کي پي آرڊر ڏيکاريندا.

ٽينڊر سيريل نمبر 1 کان 28 تائين چيئرمين ٽينڊر ڪاميٽي ڊسٽرڪٽ ميونسپل آفيس (سينٽرل ) ڪي ايم سي هٽان پهرين منزل (سنيٽرل آفيس) ڪي ايم سي شاهراھ حڪيم ابن سينا ناظم آباد نمبر - 2 ڪراچي ۾ کوليا ويندا ۽ ٽينڊر سيريل نمبر مٿي ڄاڻايل تاريخ تي صبح جو ساڍي 11 وڳي سندس آفيس ۾ اهڙن ٺيڪيدارن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي اتي موجود رهڻ گهرندا. اهڙي حالت ۾ جڏهن ساڳي تاريخ تي موڪل جو ڏينهن هوندو تہ ٽينڊر ايندڙ تاريخ ۽ ٽائيم تي کوليا ويندا.

ڪي ايم سي ڪنهن بہ هڪ يا سڀني ٽينڊرن کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو بنان ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي حق محفوظ رکي ٿي.

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
(بي اينڊ آر - II ايف بي ايريا سينٽرل)
ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

ڪي . ايم. سي 66/95
انفرميشن / ڪراچي - 220/95

ٽينڊر ڊاڪيومنٽس ايگزيڪيوٽو انجنيئر نارٿ ناظم آباد جي آفيس، ڪي. ايم. سي چيف انجنيئر ۽ انڪوائري آفيس ڪي ايم سي مان مقرر ڪيل رقم جي ادائگي (ناقابل واپسي) تي صبح 9 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن کانسواءِ ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. حبيب بئنڪ لميٽيڊ ڪي ايم سي برانچ جو پي آرڊر ۽ سوٽي رقم لاءِ ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ جو پي آرڊر ڪي ايم سي جي نالي ۾ ٽينڊر فارم سان شامل هئڻ گهرجي.

مٿي ڄاڻايل کانسواءِ ٽينڊر ڊاڪيومنٽس صرف ان ٺيڪيدار کي جاري ڪري سگهجن ٿا جيڪو سوٽي رقم جي ڊپازٽ ڪرڻ جو ثبوت پيش ڪندو ۽ ٽينڊر جاري ڪندڙ اٿارٽي کي پي آرڊر ڏيکاريندو.

ٽينڊر ڊسٽرڪٽ ميونسپل آفيسر. چيئرمين ٽينڊر اوپننگ ڪاميٽي (سينٽرل) هتان، سندس آفيس گجر نالا بس اسٽاپ شاهراهه حڪيم ابن سينا روڊ تي صبح جو سادي 11 وڳي مٿي ڏيکاريل تاريخ تي اهڙن ٺيڪيدارن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي اتي موجود هئڻ جي خواهش رکندا هوندا. اهڙي حالت ۾ جڏهن ساڳئي تاريخ تي موڪل جو ڏينهن هوندو، ٽينڊر اينڊڙ ڏينهن ۽ وقت تي کوليا ويندا.

ڪي. ايم. سي ڪنهن به ٽينڊر کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي حق محفوظ رکي ٿي.

صحيح

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ڪراچي ميٽرول پوليٽن ڪارپوريشن
ڪراچي

**ڪي. ايم. سي 65/95**
**انفرميشن / ڪراچي 219/95**


# ائڊز کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪريو

# ياد رکو!

## ائڊز جو مرض وِهائڻ خودڪشي برابر آهي

# زندگي سان پيار ڪرڻ سکو

وڻَ ويڄن وَٽِ. ڇي سِڪين تہ سَڪھو ٿيين (شاھ)

ماھوار
# ويڄ
ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پھريون رسالو

## جيڪڏھن اوھان چاھيو ٿا تہ:

- صحت جي سجاڳي آٽينڊ سنڌي ٻولي جو ھي نرالو رسالو ماھوار "ويڄ" باقاعدگيءَ سان اوھانجي ھٿ ۾ ھر مھيني پھچي ۽ سنڌي جو ھي نرالو رسالو بنا ڪنھن مالي بحران جي ھلندو رھي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوھانجو حصو شامل ھجي.

تہ پوءِ:

- اڄ ئي ماھوار "ويڄ" جي ساليانى خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانى خريداري جو چندو ھڪ سؤ پنجاھہ روپيا / ڇھہ ماھي خريداري جو چندو 75 روپيا بئنڪ ڊرافٽ ذريعي موڪليو.
- بئنڪ ڊرافٽ "ماھوار ويڄ" (Monthly WAIJ) جي نالي ۾ ٺھيل ھجي.
- ساليانى خريداري جو چندو موڪلي اوھان ماھوار ويڄ پنھنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگھو ٿا. اسان توھانجي دوست/ عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اھو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنھن جي پاران تحفو ٿيل آھي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ ھيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

| مئنيجنگ ايڊيٽر ماھوار ويڄ، جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي |
|---|

نوٽ: چيڪ ۽ مني آرڊر قابل قبول نہ ھوندو. ھر ساليانى خريدار کي ساليانى في جي بدلي رسالي جا 12 پرچا موڪليا ويندا.

## خريداري جو فارم

منھنجو/ منھنجي دوست / عزيز جو نالو ماھوار "ويڄ" جي ساليانى / ڇھہ ماھي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.
مان ساليانو / ڇھہ ماھي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنھنجا / پنھنجي دوست/ عزيز جا تفصيل ھن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ____________________

ائڊريس: ____________________

____________________

سامل بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ____________________

صحيح ____________________ تاريخ ____________________

